ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   اڱارو 02 ڊسمبر 2025ع 10 جمادي الثاني 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ   شمارو (109)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جا پائيدار لاڳاپا گڏيل اعتماد جي بنياد تي قائم آهن: وزيراعظم

ٻنهي پاڙر ملڪن ۾ ٻطرفا پائيدار لاڳاپا گڏيل خيرسگالي جي تاريخي رشتن ۾ ڳنڍيل آهن: شهباز شريف

اسان جا ٻئي ملڪ خطي ۽ دنيا ۾ امن ۽ استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي جي گڏيل هدفن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پرعزم رهندا

گڏيل عرب امارات ۾ رهندڙ پاڪستاني بنا ڪنهن شڪ جي ٻنهي ملڪن جي دوستي کي مضبوط بڻائڻ ۾ مثبت ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي تہ پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جا پائيدار لاڳاپا گڏيل مذهبي ۽ ثقافتي قدرن ۽ گڏيل اعتماد جي بنياد تي قائم آهن ٻئي ملڪ خطي ۽ دنيا
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

عمران خان ۽ بشري بي بي کي آزاد ڪرڻ گهرجي: ڪيپٽن صفدر

هڪ وڊيو ۾ تصدق اعوان ۽ ڪيپٽن صفدر هڪ ٻئي سان ڳالهائيندي نظر اچن ٿا

عمران خان کي ڇڏيو يا نہ، پر ڀيڻ (بشري بي بي) کي تہ ضرور آزاد ڪريو: ڪيپٽن صفدر

ايبٽ آباد (م ر د) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ڪيپٽن صفدر باني پي ٽي آءِ عمران خان جي گهرواري بشري بي بي جي آزادي جي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

وزيراعلي ڪي پي ڪي بدمعاشي ڪئي تہ گورنر راڄ لڳندو: فيصل واوڊا

سينٽ جي ڪوشش هوندي تہ خيبرپختونخوا جو وڏو وزير پنهنجون ذميواريون نڀائي

هاءِ ڪورٽ جي آرڊر ڪاڻ، هڪ انچ جي غلطي بہ سنڌس نااهلي جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سينيٽر فيصل واوڊا خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ بابت خبرن تي ردعمل ڏيندي چيو آهي تہ
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم وزير سان ترڪي جي وفد جي ملاقات، گڏيل سهڪار جو جائزو

اسان ترڪي جي وزير ۽ سنڌس ٽيم جي پاڪستان ۾ آجيان جا منتظر آهيون: علي پرويز ملڪ

ٻنهي اڳواڻن ۾ گڏيل خير سگالي کي موثر اقتصادي ۽ جديد شراڪتداري ۾ تبديل ڪرڻ جو عزم

اسلام آباد (اي پي پي) پيٽروليم بابت وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چيو آهي تہ ترڪيہ جي وفد جو دورو توانائي ۽ معدنيات جي شعبن ۾ ٻہ طرفي سهڪار کي نئون رخ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو انهن
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ترڪي جي سفير عرفان نظيروگلو سان ملاقات ڪري رهيو آهي

چيف آف ڊفينس فورسز جو نوٽيفڪيشن جاري ٿي ويندو اها پريشاني جي ڳالهہ ناهي: وزير قانون

اڄ ڪلهہ لڳي ٿو تہ ميڊيا وٽ ٻي ڪا خبر ئي ناهي، اهو معاملو سرڪاري پراسيس جو حصو آهي: اعظم نذير تارڙ

وزيراعظم ملڪ ۾ ناهي، وزيراعظم اچي ويندو تہ سڀ ڪجهہ ٿي ويندو، آرمي چيف جي ملازمت جي مدي کي قانوني تحفظ حاصل آهي

اسلام آباد (م ر د) وزير قانون اعظم نذير تارڙ چيو آهي تہ چيف آف ڊفينس فورسز جو نوٽيفڪيشن جاري ٿي ويندو اها پريشاني جي ڳالهہ ناهي، اڄ ڪلهہ لڳي ٿو تہ ميڊيا وٽ ٻي ڪا خبر ئي ناهي اهو
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ڪي ۾ افغانين لاءِ پناهہ گاهہ بڻايو پيو وڃي، اهي واپس نہ ويا تہ کين گرفتار ڪري سزا ڏينداسين: وفاقي گهرو وزير

افغان اسان جا مهمان هئا، پر هاڻي اسان جا مهمان ناهن رهيا، افغان شهرين کان درخواست آهي تہ هو پاڻ عزت سان واپس هليا وڃن. کين هر صورت واپس موڪليو ويندو: محسن نقوي

ڪجهہ ڏينهن اڳ جن ماڻهن ايف سي تي حملو ڪيو اهي ٽيئي افغاني نڪتا، اسلام آباد ڪورٽ ۾ حملو ڪندڙ بہ افغان شهري هو، ملڪ ۾ جيترا بہ حملا ٿي رهيا آهن، انهن ۾ افغان ملوث آهن

سڄي ملڪ مان غير قانوني افغان شهرين جي نيڪالي جاري آهي، غير قانوني افغان پناهگيرن کي واپس موڪلي رهيا آهيون، اسان کي هر صورت غير قانوني افغان پناهگيرن کي واپس موڪلڻو آهي

اسان کي واضح طور تي چاڻ آهي تہ دهشتگردي جي پٺيان ڪير آهي ۽ ڪير ڪرائي رهيو آهي، افغان طالبان حڪومت دهشتگردن کي لگام ڏئي

ٿوري صوبن مان غير قانوني افغان شهرين کي ڪڍيو پيو وڃي، پر خيبر پختونخوا ۾ کين تحفظ ملي پيو، جتي قومي سلامتي جي ڳالهہ اچي ٿي، اتي ڪو بہ صوبو پنهنجي پاليسي ناهي ٺاهي سگهي

ڪوڙيون خبرون پکيڙيندڙ صحافي ناهن، راءِ جي اظهار جي آزادي آهي، پر جعلي خبرون پکيڙڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي، سوشل ميڊيا تي 90 سيڪڙو خبرون غلط هلن ٿيون، ان جي خلاف ڪريڪ ڊائون ٿيندو

قومي سلامتي واري معاملي تي ڪا بہ سوديبازي نہ ٿيندي، ڪولنبن ۾ ريهي بڪولس ڪري رهيو آهي تہ ادارن ۾ فلاڻو مسئلو هلي رهيو آهي، جيڪڏهن توهان وٽ ثبوت آهن تہ سامهون آڻيو: ميڊيا سان ڳالهيون

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي افغان اسان جا مهمان هئا، پر هاڻي اسان جا مهمان ناهن رهيا، افغان شهرين کان درخواست آهي تہ هو پاڻ عزت سان واپس هليا وڃن سڄي ملڪ مان افغان باشندن کي هر صورت واپس موڪليو ويندو لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي محسن نقوي چيو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ جن ماڻهن ايف سي تي حملو
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پارٽي فوجين هٿان نومبر ۾ هڪ عورت سميت 4 ڪشميري شهيد

سرينگر (اي پي پي) ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ ڀارتي فوجين نومبر ۾ هڪ عورت سميت 4
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان خلاف ڀارتي وزير دفاع جي بيان تي ڪئناڊا ۾ سکن جو احتجاجي مظاهرو

اوٽاوا (اي پي پي) پاڪستان خلاف ڀارتي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ هر سال اٽڪل 11 هزار ماڻهن موت جي ور چڙهي ويندا آهن

پاڪستان ۾ آبادي ۾ واڌ جي ڊي پي جي رفتار برابر يا ان کان بہ وڌيڪ ٿي

ملڪ ۾ نون ڄاول ٻارن جي موت جو انگ ڏکڻ ايشيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي

پاڪستان جي آبادي ۾ ساليانو 6 ملين جو اضافو ٿي رهيو آهي: پ پ سينيٽر

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي بابت سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن سينيٽر
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اوگرا ايل پي جي جا اگهہ وڌائي ڇڏيا، في ڪلو 7 رپيا 39 پئسا مهانگي

ايل پي جي جو 11.8 ڪلو جو گهريلو سلينڊر 87 رپيا 21 پئسا مهانگو ٿي ويو: نوٽيفڪيشن جاري

نئين قيمت 208 رپيا 99 پئسا ۽ گهريلو سلينڊر جي نئين قيمت 2466 رپيا 10 پئسا مقرر ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ايل پي جي جا اگهہ وڌائي ڇڏيا. اوگرا طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، ايل پي جي في ڪلو 7 رپيا 39 پئسا مهانگي ٿي وئي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

قاهرا: واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال ايلس ويڊي اليڪٽرڪ جي صدر احمد اليس ويڊي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪ سرزمين تي دهشتگردي جي ڪا گنجائش ناهي: طارق فضل

ڊي آءِ خان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي فورسز کي خراج تحسين

سيڪيورٽي فورسز جي هڪ ڪامياب ڪارروائي دوران 22 دهشتگردن کي ماريو ويو

پاڪستان امن، استحڪام ۽ ترقي جي سفر تي اڳتي وڌندو رهندو: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري سيڪيورٽي فورسز کي ڊيره اسماعيل خان
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

صدر ڀارت پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس اڄ صبح جو طلب

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري مجلس شوريٰ (پارليامينٽ) جو گڏيل اجلاس سڀاڻي اڱاري ڏينهن 2 ڊسمبر
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم ڀارت لڪي مروت ۾ پوليس موبائيل تي دهشتگردن جي حملي جي مذمت

دهشتگردن جي ڪڏي ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏينداسين: وزيراعظم

معصوم شهرين جي دشمن دهشتگردن جي مڪمل خاتمي لاءِ حڪومت پرعزم آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف لڪي مروت ۾ پوليس موبائيل ويجهو دهشتگرد حملي جي مذمت
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بين الاقوامي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ تاريخي سنگِ ميل آهي: مراد علي شاهہ

اها فخر جي ڳالهہ آهي تہ شرڪت ڪندڙ 12 بين الاقوامي ٽيمون هڪ ئي شهر ۾ موجود هيون

هن ورزن کي چئلينجن جي باوجود هڪ هموار حقيقت ۾ تبديل ڪندڙ سڀئي ماڻهو ساراهہ لائق آهن

سنڌ ۾ ليجنڊري رانديگر ۽ پاڪستان جا سڀ کان پرجوش فين موجود آهن: اختتامي تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ انٽرنيشنل ماسٽرز ڪرڪيٽ (IMC) اوور 40 ٽي-20 ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ 2025 جي اختتامي تقريب ۾ خطاب ڪندي شهر ۾ بين الاقوامي ٽورنامينٽ جي ڪامياب ميزباني جي ساراهہ ڪئي ۽ ان کي پاڪستان جي رانديگرن جي منظرنامي لاءِ "تاريخي سنگ ميل" قرار ڏنو ٽيم مينيجرن، رانديگرن، انٽرنيشنل ماسٽرز ڪرڪيٽ (IMC) ۽
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسرائيل خطي کي غير مستحڪم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي: ايران

ايران ۽ ترڪي جي وچ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري وڌائڻ تي ڳالهايو ويو: عباس عراقچي

تهران (اي پي پي) ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي تہ اسرائيل خطي کي غير مستحڪم ڪرڻ جي وسيع
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهہ صوبائي وزير سعيد غني ۽ ذوالفقار شاهہ اسڪول آف ويزئل اينڊ پرفارمنگ آرٽ جو افتتاح ڪري رهيا آهن

نواز شريف ۽ شهيد بينظير ڀٽو ملڪ جي مفادن خاطر ميثاق جمهوريت ڪيو هو: وفاقي وزير اطلاعات

چادر ۽ چارديواري جي تقدس کي پائمال ڪرڻ جي روايت بہ انهن جي دور ۾ وڌي وئي هئي: عطاءُ الله تارڙ

اڄ بدنام زمانہ شهزاد اڪبر هتي موجود نہ آهي، اهڙا ماڻهو ئي سڀ کان پهرين ملڪ مان فرار ٿي ويندا آهن

جيل ۾ ملاقات جو مقصد قانوني مشاورت هوندي آهي، اهو ناهي تہ پاڪ فوج خلاف ڳالهہ ڪندڙن کي شاباس ڏني وڃي

جيل ۾ ملاقات جو مينوئل موجود آهي، ان جي لاءِ غيرقانوني ڊيمانڊ ڪڏهن بہ پوري نہ ٿيندي: قومي اسيمبلي ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ مسلم ليگ (ن) جي قائد محمد نواز شريف ۽ شهيد بينظير ڀٽو ملڪ جي لاءِ ميثاق جمهوريت ڪيو جنهن ڪانيو سياسي عمل بحال ٿيو اسان پي ٽي آءِ دور
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ ڪراچي جي کليل گٽر ۾ معصوم ٻارڙو ڪري فوت ٿيڻ تي سخت احتجاج، مخالف ڌر جو واڪ آئوٽ

اسپيڪر اويس قادر شاهہ جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ فوت ٿيندڙ ٻار ابراهيم لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي

اجلاس ۾ فوتي ٻار جي مسڪرائيندڙ چهري واري تصوير ڏسي ڪيترائي ميمبر روئي ويٺا

معاملي تي ڳالهائڻ جي اجازت نہ ملڻ تي ايم ڪيو ايم ميمبرن احتجاج ڪندي اجلاس مان واڪ آئوٽ ڪيو


ڪراچي: گٽر ۾ ڪري فوت ٿيو معصوم ٻارڙي جي حياتي جي تصوير

ڪراچي(رپورٽ : مجيد عباسي/ راهب گاهو) سنڌ اسيمبليءَ جي ايوان ۾ سومر ڏينهن ڪراچيءَ جي علائقي نيپا چورنگي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران مخالف ڌيان ڇڪايو نوٽيس تي بحث ڪيو ويو

اجلاس ۾ شهيد بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻي جو ترميمي بل پڻ پيش ڪيو ويو

اسپيڪر ڀارت اجلاس جي ڪارروائي دوران سرڪاري آفيسرن جي غيرحاضري تي ڪاوڙ جو اظهار

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران ڪجهہ ڌيان ڇڪايو نوٽيس پڻ زير بحث آيا. ايم ڪيو ايم جي رڪن عامر صديقي پنهنجي هڪ ڌيان ڇڪايو نوٽيس ۾ چيو تہ اپوزيشن ميمبر کي اهو اختيار ئي ناهي تہ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي کي ڳالهائڻ جي اجازت نہ ملڻ تي ايم ڪيو ايم ميمبرن جو گوڙ

ڪراچي: اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي هن معاملي تي ڳالهائڻ چاهيو پر ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني چيو تہ هو توجهہ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

انتهائي المناڪ واقعو آهي، غفلت جي ذميوار آفيسرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: شرجيل ميمڻ

واقعي تي هر شخص ڏک ۾ مبتلا آهي، اسان فوتي ٻار جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون

جڏهين ئي واقعو پيش آيو تہ ريسڪيو ٽيمون پهچي ويون، سنڌن ڪم جون تصويرون بہ موجود آهن

جيڪڏهن منهنجي وزارت جي ذميواري آهي ۽ مون کان غلطي ٿي آهي تہ عهدو ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان

ڪراچي: سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ واقعي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو تہ
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

آبادي ۾ واڌ سان معيشت تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي اهو مسئلو پاڪستان جي مستقبل سان جڙيل آهي: شيري رحمان

وڌندڙ آبادي پاڪستان جي ڊگهي مدي جي معاشي استحڪام لاءِ خطرو قرار

وفاقي وزيرن، عالمي نمائندن ۽ ماهرن آبادي ۾ بي لگام واڌ کي پاڪستان جي وڏين چئلينجز مان هڪ قرار ڏنو

اسان کي ڏسڻو پوندو تہ ڪيترائي ٻار بک ۽ تعليم کان محرومي جو شڪار آهن، پاڪستان تاريخ جي اهم ترين ڊيموگرافڪ پوائنٽ تي بيٺل آهي

فيملي پلاننگ، عورتن جي صحت ۽ پلانٽي جي شعبن ۾ تيزي آڻڻ ضروري آهي: وفاقي وزيرن جو پاپوليشن سمٽ کي خطاب

اسلام آباد: سنڌ سماءُ وارو وفاقي وزير عطاالله تارڙ قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزيرن چيو آهي تہ آبادي ۾ واڌ سان معيشت تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي جڏهن تہ وڌندڙ آبادي پاڪستان جي ڊگهي مدي جي معاشي استحڪام لاءِ خطرو آهي، اهڙو اظهار هنن ڪالهہ پاپوليشن سمٽ کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزيرن عالمي نمائندن ۽ ماهرن آبادي ۾ بي لگام واڌ کي پاڪستان جي وڏين چئلينجز مان هڪ قرار ڏنو پاپوليشن
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جي تاريخ قرباني ۽ عوامي خدمت تي ٻڌل آهي: يوسف رضا گيلاني

پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي انقلابي ويزن سان رکيو

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي جدوجهد، قربانين ۽ جمهوريت لاءِ ثابت قدمي سان مضبوط بڻايو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني پاڪستان پيپلز پارٽي جي يوم تاسيس جي موقعي تي پارليامينٽ هائوس ۾ ڪوٺايل هڪ تقريب ۾ سينيٽ جي ميمبرن سان ڪيڪ ڪٽيو
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني ساٿي سينيٽرن سان گڏ پ پ يوم تاسيس جو ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

لکين ماڻهن سان گڏ رستن تي اچي سنڌ دشمن فيصلا ناڪام بڻائينداسين: اياز لطيف

سنڌ وٽ ڀرامن جدوجهد جي ڊگهي تاريخ آهي جن ۾ ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن

جمهوريت ۽ عدالت جي بحالي لاءِ سڄي سنڌ ۾ جدوجهد ڪئي ويندي: اجلاس کي خطاب

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جو اجلاس اياز لطيف پليجو صدارت ۾ ٿيو اجلاس ۾ ملڪ ۽ سنڌ جي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

مهراڻ يونيورسٽي ٽائمز هائير ايجوڪيشن رينڪنگ ۾ صوبي اندر پهريون نمبر ماڻي ورتو

وائيس چانسلر ڀارت شاگردن استادن، آفيسرن ۽ ملازمن جي محنتن کي ساراهيو ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) مهراڻ يونيورسٽي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اڳوڻي وزيراعظم راجا پرويز اشرف راڻو بابت جميل کي پوليٽيڪل ايڊوائيزر نامزد ڪري ڇڏيو

لاهور (اي پي پي) اڳوڻي وزيراعظم راجا پرويز اشرف، راڻو بابر جميل کي پنهنجو پوليٽيڪل ايڊوائيزر نامزد ڪري ڇڏيو پ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

گورنر جي تبديلي بابت ڪا ڄاڻ ناهي، ميڊيا ئي گورنر مقرر ڪندو تہ پوءِ الله حافظ: فيصل ڪريم ڪنڊي

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ تي غور، نئين گورنر جي مقرري لاءِ تياريون

گورنر راڄ لاءِ فيصل ڪريم ڪنڊي کي برقرار رکڻ يا ان جي جاءِ تي نئون گورنر مقرر ڪرڻ جي تجويز تي غور

اميدوارن ۾ اڳوڻو ڪور ڪمانڊر پشاور ليفٽيننٽ جنرل (ر) خالد رباني، ليفٽيننٽ جنرل (ر) غيور محمود، ليفٽيننٽ جنرل (ر) طارق خان شامل

پشاور (م ر د) خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ تي غور شروع ٿي ويو گورنر راڄ لاءِ فيصل ڪريم ڪنڊي کي برقرار رکڻ يا انهن جي جاءِ تي نئون گورنر مقرر ڪرڻ جي تجويز تي غور ڪيو پيو وڃي، ذرائعن موجب
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

هنگري: سينيٽر مشاهد حسين سيد تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي ڊاڪ ۽ منشيات فروشي ۾ ملوث 4 ڏوهاري گرفتار

گرفتار ٿيل ڏوهاري اشرف ڳوٺ، گلشن معمار ۾ وڏي ڪارروائي ڪندي گرفتاريون ڪيون

ڏوهارين وٽان هٿيار مختلف قسمن جو ايمونيشن، چرس، آئس ۽ 57 قريب موبائل فون هٿ آيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) خفيہ معلومات جي بنياد تي ڪراچي جي علائقي اشرف ڳوٺ، گلشن معمار ۾ وڏي ڪارروائي ڪندي ڊاڪ ۽ منشيات فروشي ۾ ملوث 4 ڏوهارين - عباس محمد
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سينيٽ پاڪستان اينيمل سائنسز ڪائونسل بل 2023ع پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ اماڻڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ پاڪستان اينيمل سائنسز ڪائونسل بل 2023ع پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ اماڻڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي سومر ڏينهن سينيٽ
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

منهنجو نالو قاسم عرف حسن ۽ والد جو نالو لال خان آهي: تلہ گنگ مان گرفتار افغان دهشتگرد

ڪمانڊر ارماني مون ۽ فاروق تاجوڙي ۾ فوجي قلعي تي فدائي لاءِ ريڪي ڪرائي پر حملو نہ ڪري سگهياسين

سيپٽمبر ۾ مان ڪمانڊر ارماني جي مشوري تي پنجاب ويس، ان جو مقصد ڇوڪرا ڳولهڻ ۽ تنظيم ۾ شامل ڪرڻ هو

گرفتار دهشتگرد جو اعترافي وڊيو پاڪستان ۾ دهشتگردي لاءِ افغان سرزمين جي استعمال جو واضح ثبوت قرار

اسلام آباد (اي پي پي) پنجاب جي علائقي تلہ گنگ مان افغان شهري جي گرفتاري ۽ اعترافي بيان هڪ وڏي افغان دهشتگرد نيٽ ورڪ کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديہ جاويد عورت صحافين جي ورڪشاپ ۾ ساٿين گڏ بيٺل آهي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ماتحت عدالتن ۾ سياري جي موڪلن جو اعلان

عدالتون پهرين جنوري 2026ع کان 8 جنوري 2026ع تائين بند رهنديون

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سول ڪورٽس ۽ ڊسٽرڪٽ ڪورٽس لاءِ سياري جي موسم جي موڪلن جو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڊپٽي ميئر جي فريال ٽالپر سان ملاقات، ترقياتي منصوبن بابت

سلمان عبدالله مراد زرداري هائوس ۾ پ پ وومين ونگ جي چيئرپرسن سان ملاقات ڪئي

شهري انفرااسٽرڪچر، عوامي رليف ۽ ميونسپل سروسز جي وڌيڪ بهتري جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد زرداري هائوس ڪراچي ۾ پ پ وومين ونگ جي چيئرپرسن ميڊم فريال ٽالپر سان ملاقات ڪئي ڊپٽي ميئر
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد پ پ عورت ونگ جي صدر فريال ٽالپر سان گڏ بيٺل آهي

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان حڪومت سان ڳالهين لاءِ شرط پيش ڪري ڇڏيا

چوري ٿيل چونڊن کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي: تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان

1973ع وارو آئين پنهنجي اصل صورت ۾ بحال ڪيو وڃي، پاستدانن جي مڪمل بالادستي يقيني بڻائي وڃي

ميڊيا جي آزادي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ پيڪا جهڙن قانونن کي لازمي طور ختم ڪيو وڃي: پيش ڪيل مطالبا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان حڪومت سان ڳالهين لاءِ شرط پيش ڪري ڇڏيا ۽ مطالبو ڪيو آهي تہ چوري ٿيل چونڊن کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي تحريڪ تحفظ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 وفاقي گهرو وزير

ڪيو اهي ڪيٽي افغاني نڪتا، اسلام آباد ڪورٽ ۾ حملو ڪندڙ به افغان شهري هو ملڪ ۾ جيترا به حملا ٿي رهيا آهن انهن ۾ افغان ملوث آهن هن چيو ته سڄي ملڪ مان غير قانوني افغان شهرين جي نيڪالي جاري آهي غير قانوني افغان پناهگيرن کي واپس موڪلي رهيا آهيون اسان کي هر صورت غير قانوني افغان پناهگيرن کي واپس موڪلڻو آهي محسن نقوي چيو ته غير قانوني افغان پناهگيرن کان درخواست آهي ته هو پاڻ عزت سان پنهنجي ملڪ هليا وڃن جيڪڏهن ڪنهن کي موڪليو ويو ۽ هو واپس آيو ته پوءِ ڪيس گرفتار ڪري سزا ڏني ويندي خيبر پختونخوا ۾ افغان ڪئمپون ختم ڪري رهيا آهيون هن چيو ته اسان کي واضح طور تي ڄاڻ آهي ته دهشتگردي جي پٺيان ڪير آهي ۽ ڪير ڪرائي رهيو آهي افغان طالبان حڪومت دهشتگردن کي لگام ڏئي سينيٽر محسن نقوي چيو ته ٻنهي صوبن مان غير قانوني افغان شهرين کي ڪڍيو پيو وڃي پر خيبر پختونخوا ۾ ڪين تحفظ ملي رهيو آهي سياست پلي ڪريو پر جتي قومي سلامتي جي ڳالهه اچي ٿي اتي ڪو به صوبو پنهنجي پاليسي ناهي نٿو هلي سگهي، آئين نٿو ٿي سگهي ته قومي سلامتي واري معاملي تي جيڪو دل ۾ اچي اهو ڪيو وڃي آئين نه هلندو ۽ نه ئي ان جي اجازت ڏينداسين. گهرو وزير چيو ته سوشل ميڊيا تي 90 سيڪڙو خبرون غلط هلن ٿيون، آئين نٿو ٿي سگهي ته جيڪو دل ۾ اچي اهو سوشل ميڊيا تي هلايو وڃي سوشل ميڊيا تي غلط خبر تي ڪريڪ ڊائون ٿيندو هن چيو ته قومي ميڊيا تي غلط خبر نشر ڪرڻ تي پيمرا نوٽيس ڏئي ٿو ڪوڙيون خبرون ڦهلائيندڙ صحافي ناهن راءِ جي اظهار جي آزادي آهي پر جعلي خبرون ڦهلائڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي محسن نقوي چيو ته سوشل ميڊيا تي ڪنهن جي تذليل جي اجازت نه ڏينداسين، قومي سلامتي واري معاملي تي ڪا به سوديبازي نه ٿيندي ڪو لنڊن ۾ ويهي بڪواس ڪري رهيو آهي ته ادارن ۾ ڦلاڻو مسئلو هلي رهيو آهي جيڪڏهن توهان وٽ ثبوت آهن ته سامهون آڻيو هن چيو ته جيڪي ماڻهو ٻاهر ويٺل آهن ڪين بڌائڻ چاهيان ٿو ته توهان واپس اچي رهيا آهيو تمام جلد توهان کي هتي آڻينداسين ۽ سڀني ڳالهين جو جواب ڏيڻو پوندو هن چيو ته اسان کي ٽي وي چينلز کي چوڻ غلط نٿا چئون چوڻ آهي هڪ سسٽم تحت هلن ٿا، جيڪڏهن ڪو ٽي وي چينل غلط خبر هلائي ٿو ته ان تي ڏنڊ لڳي ٿو جيڪي ڪوڙيون خبرون ڦهلائي رهيا آهن انهن خلاف ڪارروائي ضرور ٿيندي هڪ سوال جي جواب ۾ گهرو وزير چيو ته آئين ۾ هڪ شيءِ ٿي آهي هڪ نئون ادارو ٺهيو رهيو آهي هڪ ٻئي ڊبائڻ سان ڪم ناهي ٿيندو سسٽم ٺهڻ ۾ وقت لڳندو آهي آئين ناهي ته بس ٻئي دٻايو ۽ هڪ ڪلاڪ ...

هليا ويا آهن عدالت جيڪو فيصلو ڪندي ان تي عمل ڪيو ويندو ڪارروائي دوران سرڪاري آفيسرن جي غيرحاضري تي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ هدايت ڪئي ته چيف سيڪريٽري کي اڄ ئي خط لکو ته وقف سوالن جوابن جي وقفي ۾ لاڳاپيل سيڪريٽري ڇو موجود ناهي؟ اويس قادر شاهه رولنگ ڏني ته چيف سيڪريٽري کان وضاحت طلب ڪئي وڃي بعد ۾ اجلاس اڄ اڱاري ڏينهن ٻارهين وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا 4 ميمبرن جو گوڙ

ڏياريو نوٽيس نمٽائڻ کان پوءِ هن کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيندو اجازت نه ملڻ تي ايم ڪيو ايم جا ميمبر سخت ناراض ٿي ويا، شور شرابو ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ ايوان مان واڪ آئوٽ ڪري هليا ويا.

بقايا 5 وزيراعظم

ڪندي دهشتگردن جي ڪڌي ارادن کي خاڪ ۾ ملائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي. ڪالهه سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم واقعي ۾ شهيد اهلڪار جي لاءِ مغفرت ۽ پونئيرن جي لاءِ صبر ۽ حوصلي جي دعا ڪئي. وزيراعظم زخمين کي فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ انهن جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي هن چيو ته معصوم شهرين جي جان ۽ مال جي دشمن دهشتگردن جي مڪمل خاتمي جي لاءِ حڪومت پرعزم آهي

بقايا 6 ايران

منصوبي تي عمل ڪري رهيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب هن گاڏي واري هنڌ تهران ۾ پنهنجي ترڪ هم منصب هاڪان ...

[Remaining Sindhi columns of continued news items (بقايا 2–32) not transcribed]

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LBI-PT-CESS-303945549-2025	CONSTRUCTION OF HOSPITAL DUTY ROOM AND AMBULANCE SHED AT CMH, JIANDO HALEPOTO SINDH	17.12.2025 AT 1130 HRS
2.	OGDCL-SCM-LD-PT-ECMP-304487134-2025	PROCUREMENT OF PETROL ENGINE	17.12.2025 AT 1130 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-ADMIN-CB-60-3350-304349037-2025	HOUSEKEEPING/ FACILITY MANAGEMENT SERVICES	18.12.2025 AT 1030 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **26.10.2025,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LBB-CNESS-OGTI-301096646-2025	RENOVATION OF OGTI HOSTEL ROOMS WITH ATTACHED BATHROOMS INCLUDING CORRIDORS IN THE OFFICER'S WING, I-9, ISLAMABAD	08.12.2025 AT 1130 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

ogdcl.com

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdc the energy

No. 2025/36

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني
HESCO

تصحيح

1- هيٺ ڄاڻايل ٽينڊرز جي لاءِ اِي-وال 10-12-2025 تي صبح 11:00 وڳي تائين وصول ڪرڻ ۽ 11:30 وڳي کولڻ مقرر ڪيو ويو هو جنهن ۾ ترميم ڪندي شيڊيول کي هيٺ ڄاڻايل طور تي تبديل ڪيو ويو آهي:

Sr. No.	Tender No.	Previous Date & Time for submission and opening of bid	Ammended Date & Time for submission and opening of bid
1.	001/2025-26	10-12-2025 11:00 AM & 11:30 AM	16-12-2025 11.00 AM & 11.30 AM
2.	002/2025-26		
3.	003/2025-26		
4.	004/2025-26		
5.	005/2025-26		
6.	006/2025-26		
7.	007/2025-26		
8.	008/2025-26	10-12-2025 11:00 AM 11:30 AM	17-12-2025 11.00 AM & 11.30 AM
9.	009/2025-26		
10.	010/2025-26		
11.	011/2025-26		
12.	012/2025-26		
13.	013/2025-26		
14.	014/2025-26		
15.	015/2025-26	10-12-2025 11.00 AM 11.30 AM	18-12-2025 11.00 AM & 11.30 AM
16.	016/2025-26		
17.	017/2025-26		
18.	018/2025-26		
19.	019/2025-26		
20.	020/2025-26		
21.	021/2025-26		
22.	022/2025-26	10-12-2025 11.00 AM 11.30 AM	19-12-2025 11.00 AM & 11.30 AM
23.	023/2025-26		
24.	024/2025-26		
25.	025/2025-26		
26.	026/2025-26		
27.	027/2025-26		

نوٽ: i. ٻيا سمورا شرط ۽ ضابطا ساڳيا شايع ٿيل NIT جي مطابق برقرار رهندا.

PID(H) 212/2025

پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪنسٽرڪشن (آپريشن) HESCO حيدرآباد 022-9240086

ايڈيٽوريل

روزاني

عبرت

حيدرآباد کان محمد اظهر الدين حيدرآباد تائين!

صفحو 4

ميرانٽر علي تالهر

ڊاڪٽر صفرا صدف

صفحو 4

صوفي فڪر جو واڌارو ۽ سفر

ناٽي واري وزير پاران ٽيڪس نيٽ وڌائڻ جو اشارو!

صفحو 4

غلام فاروق

صفحو 4

چانور واڌي جيترو روبوٽ گرڊي جون پٽريون توڙي چڏيندو!

ڪوڙڙي جي سحرش نگر ڪچي آباڻي جي رهواسي جو ڪچي اسڪول جي انتظامیہ خلاف احتجاج

رانيءَ ماڻل ايجوڪيشن اڪيڈمي اسڪول ۽ شاگرد سان ناروا سلوڪ، بدتميزي ۽ ذليل ڪرڻ جا الزام

پوئ عرفان رند شديد بيمار هڻڻ سبب هڪ هفتو اسڪول نه وڃي سگهيو، انتظاميہ کي آگاهہ ڪيو پر ڪنهن رند

هلندن شاهہ جوءِ ڀلي ماڻل ايم ڪيٽ اڪيڊمي اسڪول ۽ شاگرد سان ٽيڪو بدتميزي ۽ ذليل ڪرڻ جا الزام

ڪلڪيف جو سبب پڇيو ته ڪنهن رند جنهن جو پٽ ٻئي درجي ۾ پڙهي ٿو، ٻڌايو ته پٽ جي ڪلهي تي ڪاري رنگ جو نشان ٿيل آهي جيڪو ڪجهہ ڏينهن کان ڪاري رنگ جي ڪپڙي سان ڍڪيل هو، جڏهن ڪپڙو هٽايو ته ڪاري رنگ جو نشان ظاهر ٿيو، جنهن کان پوءِ پٽ کي بخار ۽ جسم ۾ درد رهڻ لڳو، جنهن جي ڪري هو اسڪول نه وڃي سگهيو، ڊاڪٽر کي ڏيکاريو ويو ته کيس ٽائيفائيڊ جو بخار ٻڌايو ويو، جنهن جي ڪري هو ٻه هفتا اسڪول نه وڃي سگهيو، جڏهن هو اسڪول ويو ته استاد کيس ڪلاس کان ٻاهر بيهاري ڇڏيندا هئا، جنهن جي ڪري هو ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پوئتي رهي ويو، جڏهن هن جي والد ٻڌايو ته هن جي پٽ جي ڪلاس ٽيچر کي ڪيترائي ڀيرا ٻڌايو ويو ته هن جو پٽ بيمار آهي ۽ هن کي ڪجهہ ڏينهن آرام جي ضرورت آهي پر ٽيچر ڪنهن به ڳالهہ تي ڌيان نه ڏنو، جنهن جي ڪري هن جو پٽ وڌيڪ بيمار ٿي پيو، جنهن جي ڪري هن جو پٽ ٻه هفتا اسڪول نه وڃي سگهيو، جڏهن هو اسڪول ويو ته ٽيچر هن کي ڪلاس کان ٻاهر بيهاري ڇڏيندي هئي، جنهن جي ڪري هن جو پٽ ڏاڍو پريشان ٿي پيو، جنهن جي ڪري هن جو پٽ ڪلاس ۾ ڪنهن سان به ڳالهہ نه ٿو ڪري، جنهن جي ڪري هن جو پٽ ڏاڍو ڊپريس ٿي پيو آهي، جنهن جي ڪري هن جو پٽ اسڪول وڃڻ کان به انڪار ڪري رهيو آهي، جنهن جي ڪري هن جو پٽ جو تعليمي نقصان ٿي رهيو آهي، جنهن جي ڪري هن جو پٽ جي ذهني صلاحيتن تي به اثر پئج

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آڱارو 02 ڊسمبر 2025ع

ناڻي واري وزير پاران ٽيڪس نيٽ وڌائڻ جو اشارو!

پاڪستان جي معاشي صورتحال هن وقت تاريخ جي نازڪ ترين مرحلي مان گذري رهي آهي. مهانگائي، قرضن جو وڌندڙ بار، بجيٽ خسارو، بيروزگاري ۽ صنعتي زوال ماڻهوءَ جي روزمره زندگيءَ کي جهٽڪو ڏئي رهيا آهن. ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جو تازو بيان، جنهن ۾ هن چيو آهي ته "اصل مسئلو سبسڊي ۾ ڪرپشن آهي، 9 سيڪڙو ٽيڪس سان ملڪ نٿو هلي سگهي، ٽيڪس نيٽ وڌائڻو پوندو". بظاهر اهو تاثر ڏئي ٿو ته حڪومت مسئلن کي سمجهي وئي آهي ۽ رياستي آمدني وڌائڻ لاءِ ڪجهه سنجيده اپاءَ وٺڻ پئي چاهي. پر سوال اهو آهي ته ڇا صرف ٽيڪس جو دائرو وڌائڻ سان ئي ملڪ ڏکيائين مان نڪري سگهندو؟ ڇا عوام تي وڌيڪ ٽيڪس لاڳو ڪرڻ کان اڳ حڪومت پنهنجي خرچن جي گهٽتائيءَ لاءِ به ڪو قدم کڻڻ چاهيندي؟ افسوس ته هتي ئي صورتحال ٽِڏي ٿي وڃي ٿي. اسان جي حڪمرانن جي روايت هڪ ئي آهي- مشڪلاتن جو سڄو بار عوام تي وجهي پاڻ کي اڪيلو بري الذمہ قرار ڏيڻ. حڪومت هر سال اربين رپين جي سبسڊي جو ذڪر ڪندي ان ۾ ڪرپشن جو شڪ ظاهر ڪري ٿي، پر اهو نه ٿي ٻڌائي ته جيڪڏهن ڪرپشن موجود آهي ته ذميوار ڪير؟ ۽ انهن خلاف ڪهڙي ڪارروائي ٿي؟ وزير صاحب جي اعتراف مطابق جيڪڏهن سبسڊيءَ ۾ گهوٻيون آهن ته پوءِ ٽيڪس نيٽ وڌائڻ کان پهريان انهن کي بند ڪرڻ، بدعنوانيءَ جو خاتمو ۽ شفافيت يقيني بڻائڻ وڌيڪ اهم هئڻ کپي، جو ته ٽيڪس وڌائڻ بنا سڌارن جي، صرف غريب عوام کي وڌيڪ دٻائڻ جو نالو آهي. ناڻي وزير جو ٻيو نقطو به غور طلب آهي ته ملڪ 9 سيڪڙو ٽيڪس گڏ ڪري هلائي نٿو سگهجي. يقيني طور رياست کي پنهنجو ٽيڪس نيٽ وڌائڻ گهرجي، جو ته ملڪ ۾ اربين رپيا غيردستاويزي معيشت ۽ ٽيڪس چوريءَ سبب خزاني جو حصو نٿا بڻجن پر مسئلو صرف ٽيڪس نه آهي. اصل سوال جيڪو حڪومت اڪثر نظرانداز ڪري ٿي- اهو آهي ته ٽيڪس گڏ ٿيڻ بعد پئسو وڃي ڪٿي ٿو؟ ڇا اهو تعليم، صحت، روزگار، زراعت ۽ صنعتن جي بحاليءَ تي لڳي ٿو يا وري وزيرن، مشيرن، سفيرن ۽ غيرفعال ڪميشنن جي تنخواه، مراعتن ۽ دورن تي خرچ ٿئي ٿو؟ اڄ حالت اها آهي ته فيڊريشن کان وٺي صوبن تائين مشيرن ۽ معاونن جي فوج در موج آهي، جن جو ڪو واضح ڪردار به نظر نٿو اچي، پر پگهارن، گاڏين، پيٽرول ۽ پروٽوڪول روزانو ملڪ جي خزاني مان لکين رپين جي واڌ سان نڪري رهيو آهي. جيڪڏهن حڪومت خرچ گهٽائڻ لاءِ پاڻ کان شروعات ڪري، ضرورت کان وڌيڪ مشير گهٽائي، مراعتن ۾ ڪمي ڪري ۽ فالتو سرڪاري ادارن کي ضم يا بند ڪري ته يقيناً مالي دٻاءَ جو وڏو حصو گهٽجي سگهي ٿو.

محمد اورنگزيب پنهنجي خطاب ۾ آءِ ايم ايف رپورٽ کي سڌارن لاءِ رهنمائي قرار ڏنو ريڪوڊڪ منصوبي ۽ پرڏيهي ناڻي جي آمد کي سلو سنوڻ سڏيو. هن واضح ڪيو ته برآمدات ۾ 5 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي، آءِ ٽي شعبي ۾ بهتري اچي رهي آهي ۽ ڪرنٽ اڪائونٽ توازن ڏانهن وڌي رهيو آهي اهي سڀ مثبت اشارا يقيناً حوصلا افزا آهن پر معاشي بهتري صرف انگن جي بهتري نه آهي؛ ماڻهن جي زندگيءَ جو معيار به مٿانهون ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن برآمدات وڌي ٿي پر هن وقتن جي مانيءَ لاءِ ماڻهو ترسن، صحت ۽ تعليم ماڻهن جي هٿ کان ٻاهر ٿي وڃي ته پوءِ ترقيءَ جا انگ بي معنيٰ آهن حڪومت کي ٻڌائڻو پوندو ته جيڪڏهن آمدني وڌائڻ لاءِ عوام کان وڌيڪ ٽيڪس ورتو ويندو ته حڪومت پاڻ ڇا قرباني ڏيندي؟ ڇا وزير پنهنجو پروٽوڪول گهٽائيندا؟ ڇا مشيرن جا لشڪر محدود ڪيا ويندا؟ ڇا نجڪاريءَ دوران بدعنوانيءَ کي روڪڻ لاءِ سخت قانون لاڳو ٿيندا؟ ڇا عوام جي ٽيڪس جي هر رپئي جو حساب عوام کي ملندو؟ جڏهن حڪمران خرچ گهٽائڻ لاءِ تيار نه هجن ۽ سڄي ذميواري عوام تي وجهن، تڏهن جيڪا معاشي پاليسي تيار ٿئي ٿي، اها بقا لاءِ نه، پر تباهيءَ لاءِ هوندي آهي. ملڪ جو استحڪام تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن ٽيڪس سان گڏ خرچن ۾ پڻ منصفاڻي ڪمي ڪئي وڃي. حڪمرانن کي سمجهڻو پوندو ته عوام ڏکيائيون سهندو رهي پر حڪمران پنهنجون آسائشون برقرار رکندا اچن ته اعتماد جون تارون ٽٽي پونديون. جيڪڏهن حڪومت سچ ۾ "پاڪستان فرسٽ ايجنڊا" تي عمل ڪرڻ چاهي ٿي ته پوءِ سڀ کان پهريان حڪمران طبقي کي پاڻ مثال پيش ڪرڻو پوندو. خرچن ۾ گهٽتائي، اجاين مشيرن ۽ اختيارن جي ڇانٽي، رياستي ادارن جي جوڙجڪ ۾ سڌارا، شفاف نظام ۽ قانون جي عملداري- اهي ئي اصل معاشي استحڪام جا رستا آهن. ٽيڪس وڌائڻ ۾ ڪو حرج ناهي، پر عوام تي وڌيڪ بار وجهڻ کان اڳ حڪومت کي پنهنجي صفن ۾ صفائي ڏيکارڻي پوندي. نه ته ماڻهو اهو ئي چوندا رهندا: هڪ هٿ سان ٽيڪس وڌايو ٿا، ٻئي هٿ سان خزانو لٽايو ٿا. اقتصادي بيماري جو حقيقي علاج تڏهن ٿيندو جڏهن زخمن تي پٽي فقط عوام جي نه، پر حڪمرانن جي به ٻڌبي.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

پاڻُ مَ ڳُڇج پاڻ سين، وَسِيلا وِسارِ؛
لُڙُ لنگهائي، سُهڻي! پرتِ وِجهنديءَ پارِ؛
سي تُرتَ لنگهِينديُون تارِ، اُڪَندَ اَگهَہ جن سين.
(سُرُ سهڻي)

مايوسي نفسياتي بيماري آهي

پير دلبر سائين

مايوسي فقط هڪ عارضي احساس يا ڪجهه وقت جي دلگيري نه آهي بلڪ اها هڪ باقاعده نفسياتي بيماري آهي، جيڪا اندروني طور تي انسان جي ذهن، مزاج، خيال احساس ۽ عمل کي بگاڙي وجهندي آهي. جڏهن انسان مسلسل ڏکن، ناڪامين يا اميدن جي پوري نه ٿيڻ کي پنهنجي دل ۽ دماغ تي سوار ڪري وٺي ته اها مايوسي آهستي آهستي نفسياتي بيماريءَ جي صورت اختيار ڪري وٺي ٿي، جيڪا بعد ۾ عام زندگيءَ تي به شديد اثر وجهي ٿي. مايوسيءَ جي حالت ۾ ماڻهو پنهنجي باري ۾ منفي سوچڻ لڳي ٿو. ان کي پنهنجو وجود بيڪار، زندگي بوجهه ۽ مستقبل اونداهو لڳي ٿو. ان جي ذهن مان خوشيون غائب ٿي وڃن ٿيون ۽ دنيا جي هر ڳالهه کيس بي معنيٰ لڳي ٿي. اهو نه ڳالهائڻ چاهي ٿو نه ملڻ چاهي ٿو نه کائڻ، نه سمهڻ ۽ نه وري ڪم ڪرڻ چاهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ مايوسي هڪ ذهني مرض بڻجي وڃي ٿي، جنهن لاءِ نفسياتي طبي سنڀال جي ضرورت پوي ٿي.

نفسياتي طور مايوس ماڻهوءَ جو اعتماد گهٽجي ويندو آهي. پنهنجو پاڻ تي، ٻين تي ۽ زندگيءَ تي اعتماد ختم ٿيڻ لڳندو آهي. کيس هر ڳالهه ۾ خطرو، بي اطميناني ۽ خوف محسوس ٿيندو آهي. هو اڪيلو رهڻ لڳي ٿو. رشتن کان پري ٿيندو وڃي ٿو. گهڻو ڪري خاموش رهي ٿو. جيڪڏهن بروقت ان جو علاج نه ٿئي ته اها مايوسي اڳتي هلي ذهني دٻاءَ، ذهني پريم يا پاڻ کي نقصان پهچائڻ واري روش ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. جديد نفسيات به ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿي ته ڊگهي عرصي واري مايوسي هڪ سنجيده بيماري آهي، جيڪا دماغ جي ڪيميڪل توازن، خاص ڪري dopamine serotonin جي سطح تي اثر وجهي ٿي. ان جي نتيجي ۾ انسان جو ذهني توازن بگڙي وڃي ٿو جيڪو سڌاري ڪانسواءِ بهتر نٿو ٿي سگهي. طبيعت ۾ چڙ بدمزاجي، اڻ وڻندڙ خواب، بي خوابي يا ضد جهڙا رويا انهيءَ بيماري جي علامتن مان آهن. پر انهيءَ بيماري جو علاج به موجود آهي. جيڪڏهن ايمان، دعا، عبادت، توڪل، سٺي صحت، مثبت سوچ، ورزش، آرام ۽ نفسياتي رهنمائي کي گڏ ڪيو وڃي ته مايوسي جهڙي بيماريءَ مان نڪرڻ ممڪن آهي. سڀ کان وڌيڪ ضروري ڳالهه اها آهي ته ماڻهو پنهنجي دل جي بيماريءَ کي لڪائي نه بلڪ ان کي قبول ڪري ۽ سچي رستي سان علاج طرف وڌي. جو ته هر نفسياتي تڪليف جو حل آهي پر ان لاءِ اميد ۽ حوصلي جي روشني لازم آهي.

مايوسيءَ جا اجزاءِ ترڪيبي ڇا آهن؟ جن مان مايوسي جڙي ٿي؟ يا اهو خام متيريل ڪهڙو آهي؟ جنهن مان مايوسيءَ جو محلات نهي ٿو؟ ان کي سمجهڻ ضروري آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته مايوسي جيڪا دلين کي اجاڙي ۽ ويران بڻائي ڇڏيندي آهي، ان جي ماڙي ڪا يڪدم يا رات پيٽ ۾ اوچتو نه ٿي نهي پوي ۽ نه ئي ان جو بنياد صرف هڪ حادثي يا ناڪامي تي پيل هوندو آهي. بلڪ ان جي تعمير ڪيترين ئي اندروني ۽ بيروني سازشن، سببن ۽ اثرن مان جڙندي آهي. جيئن ڪنهن عاليشان محل جي تعمير لاءِ گهڻو ڪجهه متيريل گهربل هوندو آهي، تيئن مايوسيءَ جي عمارت جي تعمير ۾ به ڪيئي قسمن جو خام متيريل ڪم ايندو آهي. جيڪو انساني روح، عقل، مزاج ۽ منفي معاشرتي فڪر مان جڙندو آهي.

چانور داڻي جيترو روبوٽ گڙدي جون پٿريون ٽوڙي ڇڏيندو!

غلام فاروق

دنيا اندر طبي سائنس ۾ هر ڏينهن نئين خوشخبري ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، پر ڪجهه اهڙا ڪارناما آهن جو يقين ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو انهن ئي معجزن مان هڪ معجزو ڪينيڊا جي شهر ڪيلگري ۾ البرٽا يونيورسٽي جي محققن انجام ڏنو آهي. هنن هڪ اهڙو ننڍڙو مقناطيسي روبوٽ تيار ڪيو آهي، جيڪو چانور جي داڻي کان به ننڍو آهي ۽ گردي جي خطرناڪ پٿرين کي بغير جراحي، بغير بيهوشي ۽ بغير اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي ٽوڙي سگهي ٿو.

هن ننڍڙي روبوٽ جو نالو "مائڪرو ميگنيٽڪ رولر" رکيو ويو آهي. اهو رڳو 2 ملي ميٽر ڊگهو ۽ 0.7 ملي ميٽر موٽو آهي. ان ۾ طاقتور نينو مقناطيسي ذرڙا شامل ڪيا ويا آهن، جنهن ڪري ٻاهران هڪ ننڍڙي مقناطيس جي مدد سان ان کي آسانيءَ سان ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو جڏهن هي روبوٽ پيشاب جي ناليءَ ذريعي گردي ۾ داخل ٿئي ٿو ته اهو پٿري سان ٽڪرائجي تيزيءَ سان گهمي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ پٿري ريت وانگر ننڍڙن ننڍڙن ٽڪرن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ پوءِ پيشاب سان گڏ قدرتي طور خارج ٿي وڃي ٿي.

هن تحقيق جو تفصيلي مقالو دنيا جي مشهور جرنل "سائنس روبوٽڪس" ۾ ڇپيو آهي. تجربن ۾ هن روبوٽ کي مصنوعي گردن ۾ ۽ پوءِ جانورن تي آزمايو ويو. جنهن ۾ 90 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪاميابي ملي.

سنڌ ۾، خاص ڪري گرم علائقن جهڙوڪ ٿرپارڪر، سکر، خيرپور، جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ دادو ۾ گردي جي پٿرين جو مرض وبا جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. پاڻيءَ ۾ معدني لوڻ جو وڌيڪ مقدار، گهٽ پاڻي پيئڻ، لوڻ وارو کاڌو ۽ گرميءَ ۾ پسڻ ان جا مکيه سبب آهن. اندازي مطابق پاڪستان ۾ هر سال لکين ماڻهو هن دردناڪ مرض سبب اسپتالن ۾ داخل ٿين ٿا. درد ايترو ته شديد هوندو آهي جو مريض رات ڏينهن دانهون ڪندو رهندو آهي، ننڊ حرام ٿي ويندي آهي ۽ روزمره جا ڪم ڪرڻ ناممڪن ٿي پوندا آهن.

اڄ ڏينهن تائين گردي جي پٿرين جو مکيه علاج يا ته شاڪ ويو لٿوٽريسي (ESWL) آهي جنهن ۾ ٻاهران صوتي لهرون هنيون وڃن ٿيون، يا يوريٽروسڪوپي ليزر سرجري آهي. ٻنهي طريقن ۾ اينسٿيسيا، اسپتال ۾ داخل ٿيڻ ۽ لکين رپيا خرچ ٿين ٿا. غريب ماڻهو علاج ئي نه ٿا ڪرائي سگهن. درد سان زندگي گذارين ٿا يا جڙي ٻوٽين ۽ حڪيمن تي دارومدار رکندا آهن. جيڪي گهڻو ڪري فائدو نه ڏينديون آهن.

پر هي ننڍڙو مقناطيسي روبوٽ سڀ ڪجهه بدلائي ڇڏيندو. اهو مڪمل طور غير حملي وارو (non-invasive) طريقو آهي. روبوٽ کي پيشاب جي رستي ذريعي اندر داخل ڪيو ويندو، مريض کي بيهوش ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي. اسپتال ۾ رات رهڻ جي ضرورت نه پوندي، تڪليف گهٽ ۾ گهٽ هوندي ۽ خرچ به تمام گهٽ هوندو. مستقبل ۾ ممڪن آهي ته مريض ڊاڪٽر جي ڪلينڪ تي وڃي، اڌ ڪلاڪ ۾ علاج ڪرائي ۽ گهر هليو وڃي.

هن روبوٽ جون خاصيتون هي آهن ته اهو ننڍي کان ننڍي پٿري به ٽوڙي سگهي ٿو اڄڪلهه جيڪڏهن پٿري 4-5 ملي ميٽر کان ننڍي هجي ته ڊاڪٽر انتظار ڪندا آهن. پر هي روبوٽ ان کان به ننڍي پٿري کي ختم ڪري سگهي ٿو جنهن ڪري مرض وڌڻ کان اڳ ئي ختم ٿي ويندو. جانورن تي ٿيل تجربن ۾ پٿري مڪمل طور ٽٽي وئي ۽ گردي کي ڪوبه نقصان نه پهتو.

سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ هيءَ ٽيڪنالاجي وڏي معنيٰ رکي ٿي. حيدرآباد جي لياقت يونيورسٽي اسپتال، ڪراچي جي جناح، سول، آغا خان ۽ ٻين وڏين اسپتالن ۾ هر مهيني هزارين مريض گردي جي پٿرين سبب ايندا آهن. گهڻا مريض علاج جو خرچ برداشت نه ٿا ڪري سگهن. خاص ڪري عورتون شرم ۽ حجاب جي ڪري علاج ۾ دير ڪنديون آهن، جنهن ڪري مرض وڏي ويندو آهي. هي روبوٽ انهن سڀني لاءِ وڏي راحت آڻيندو.

جيتوڻيڪ اڃا ڪجهه چئلينج باقي آهن. هن روبوٽ کي انسانن تي ڪلينڪل ٽرائلز جي ضرورت آهي، جيڪي 3 کان 5 سال وٺي سگهن ٿيون. ان کان پوءِ آمريڪا جي FDA ۽ يورپ جي ريگيوليٽري ادارن کان منظوري وٺڻي پوندي. پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ اها ٽيڪنالاجي پهچڻ ۾ 7 کان 10 سال لڳي سگهن ٿا. شروعات ۾ مقناطيسي فيلڊ جنريٽر مشين مهانگي هوندي پر جيئن جيئن ٽيڪنالاجي عام ٿيندي، قيمت گهٽجندي ويندي، جيئن موبائل فون، الٽراسائونڊ ۽ ليزر مشينن جون قيمتون گهٽجي ويون.

اسين سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته البرٽا يونيورسٽي سان رابطو ڪري ۽ مستقبل جي ٽيڪنالاجي ٽرانسفر جو معاهدو ڪري. مقامي يونيورسٽين جهڙوڪ اين اي ڊي، لياقت يونيورسٽي، ڊائو يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽي کي گهرجي ته نينو ٽيڪنالاجي ۽ ميڊيڪل روبوٽڪس تي تحقيق شروع ڪن. پرائيويٽ اسپتالن جهڙوڪ آغا خان، انڊس، لياري جنرل ۽ ٻين کي گهرجي ته هن طرف سيڙپڪاري ڪن.

عوام کي به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. روزانو گهٽ ۾ گهٽ 3 کان 4 ليٽر پاڻي پيئڻ، لوڻ گهٽ کائڻ، ليمي جو رس، ناريل پاڻي ۽ ٻيا قدرتي مشروبات وڌيڪ استعمال ڪريو. جيترو ممڪن هجي اوترو گوشت ۽ دالين گهٽ کائو گرميءَ ۾ وڌيڪ پسڻ تي لوڻ وارو پاڻي (ORS) پيئو ته جيئن جسم ۾ معدني لوڻ جو توازن برقرار رهي.

هي ننڍڙو چانور جي داڻي جيترو روبوٽ رڳو هڪ مشين نه آهي، اهو لکين ماڻهن جي درد جو علاج آهي. غريب عوام جي اميد آهي، عورتن جي عزت جو تحفظ آهي ۽ طبي سائنس جي هڪ وڏي فتح آهي. جڏهن به ڪو مريض گردي جي پٿري جي درد ۾ تڙپي رهيو هوندو، تڏهن هن ننڍڙي روبوٽ کي تخليق ڪرڻ وارن لاءِ دل ئي دل ۾ دعائون ڪندو هوندو سنڌ واسين کي اميد رکڻ گهرجي ته هڪ ڏينهن اهڙو وقت ضرور ايندو، جڏهن گردي جي پٿري جو علاج ايترو آسان هوندو جيترو مٽي جي سور جي گوري کائڻ ۽ اهو ڏينهن گهڻو پري ناهي. سائنس انسانيت جي خدمت لاءِ آهي. جيترو به وقت لڳي، هيءَ ٽيڪنالاجي ضرور اسان جي اسپتالن، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پهچندي ۽ لکين جيون بچائيندي، لکين درد ختم ڪندي.

(ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (Ai)(يونيمارڪوني يونيورسٽي، اٽلي)، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ريسرچ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ افئرز ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي عهدي تي فائز آهي.)

صوفي فڪر جو واڌارو ۽ سفر

ڊاڪٽر صغرا صدف

هن ڏيهه جي ڌرتي پنهنجي مزاج، خمير، رنگ روپ ۽ سونهن ۾ ازل کان صوفيانه فڪر جي وارث رهي آهي. هن سرزمين تي گونجندڙ لوڪ زبان جي مٺاس، ميلن ۾ وسندڙ ڍولڪ جي خوشبوءِ، ستارن ۾ رچيل گيت ۽ داستان، سادگي، پيار، سهپ، رواداري ۽ خلقِ خدا جي خدمت جا جيڪي رنگ نظر اچن ٿا، اهي ڪنهن سخت گير فلسفي يا انتهاپسند سوچ جا نتيجا نه پر صدين تائين صوفين جي فڪري محنت ۽ ڪردار جو ميوو آهن. اهو چوڻ بلڪل بجا آهي ته صوفين نه رڳو سنڌ پر پنجاب جي اجتماعي سوچ کي به متاثر ڪيو. ۽ ان سوچ کي زندگي جي صورت به ڏني. جيڪڏهن پنجاب کي سمجهڻو هجي ته صوفين جو ڪلام، سنڌن رويو ۽ سنڌن زندگيءَ جي طرز ڏسڻي پوندي. جو ته انان جي روح ۾ محبت، روشن خيالي، درگذر، انسان دوستي ۽ وسيع دل واري روشني ئي صوفي فڪر جو اصل تحفو آهي.

صوفين جو طريقہ عشق، خدمت ۽ برابريءَ تي ٻڌل هو. هنن انسان کي انسان سان جوڙيو، عبادت کي خدمتِ خلق سان ڳنڍيو. پلائي ڪرڻ جو طريقو سيکاريو ۽ زندگيءَ جي پيچيدگين کي محبت ذريعي سمجهائڻ جي دعوت ڏني. انهن وٽ ڪو لڪل مفاد، گروهي سوچ يا سياسي ايجنڊا نه هئي. اهي ورهائيندڙ ماڻهو هئا- جن جي درگاهن تي فيض ملندو هو. سچي جمار محبت، دعا، روشني، رڳو روٽي نه پر علم ۽ آسانيون به ورهائيندا رهيا. جڏهن هتان جي ماڻهن جي اندروني نيڪي هنن صوفين کي سڏ ڪيو ته هُني هڪ ٻئي ۾ رنگجي ويا. هتان جي رهواسين صوفين سان فقط عقيدت نه رکي، پر انهن کي پنهنجو تاريخي ۽ روحاني وارث سمجهيو.

وقت جي ڦيرگهير سان سنڌ جيان پنجاب به اونداهو دور به ڏٺو- جتي ذاتي مفادن، سياسي سازشن ۽ مذهبي استحصال جي بنياد تي چند گروهن اختلاف ۽ نفرت پيدا ڪئي. تنگ نظري، ڪيني ۽ تعصب هن محبت ڀري ماحول ۾ زهر ڀريو. جعل سازن، ٻهروپين ۽ نام نهاد ڌاهن صوفين خلاف پروپيگنڊو ڪيو فتوائون لڳايون، انهن جي سچائيءَ کي مشڪوڪ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪجهه سادا ماڻهو ڪجهه وقت لاءِ انهن ڌوڪن ۾ ڦاسي پيا، پر هن ڌرتيءَ جي دل مان صوفي محبت ڪڏهن ختم نه ٿي.

پنجاب سالن تائين تنگ نظري، فرقيواراڻي سوچ ۽ قدامت پسنديءَ کي برداشت ڪيو. هن ڌرتيءَ لاءِ اهو وقت ڏکيو ضرور هو پر ان جو اصل روح ڪڏهن مري نه سگهيو. محبت جي سُرن، درويشن جي دعا ۽ خلق خدا سان محبت جي تربيت اڄان به هن مٽيءَ ۾ زنده آهي. وقت ثابت ڪيو ته نفرت تي بيٺل نظام ڪڏهن قائم نه ٿو رهي سگهي. اڄ پنجاب ٻيهر پنهنجي اصل طرف موٽي رهيو آهي- محبت، ثقافت، ٻولي ۽ صوفي روايت جي ٻيهر واپسي سان.

هن سفر ۾ عوام جي ذاتي ڪوشش سان گڏ هتان جي حڪومت، خاص طور ' اطلاعات کاتو ۽ ثقافت' جو ڪردار اهم آهي، جنهن هتان جي روحاني ميراث ۽ ٻوليءَ کي نئين سر اجاگر ڪيو. نومبر ۾ هتان جي ڪاليجن، اسڪولن ۽ سماجي ادارن پاران 'پنجابي ميلا' هنڌ هنڌ لڳڻ تازگي جو جهونڪو هو. ڌرتيءَ جي ٻولي، ورثي، شاعري ۽ صوفي پيغام کي نئين نسل تائين پهچائڻ هڪ تاريخي ذميواري هئي ۽ اها سرانجام ٿي.

انهن سرگرمين ۾ سڀ کان نمايان ڪم 'الحمرا آرٽس ڪائونسل، لاهور' جو آهي، جنهن وڏي شان سان صوفي فيسٽيول منعقد ڪيو. اهو فقط فن جو ميلو نه پر هڪ فڪري، تهذيبي ۽ روحاني گهما گهمي هو جنهن ۾ نوجوان، دانشور، فنڪار ۽ عام ماڻهو صوفي پيغام جي ڇانو هيٺ گڏ ٿيا. هي ميلو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر محمد محبوب عالم جي تخيل جو نتيجو هو جيڪو هن پنهنجي ٽيم جي محنت سان حقيقت بڻايو.

فيسٽيول جو منظر دل موهيندڙ هو. هر طرف صوفي فڪر جي خوشبوءِ، ڪٿي فڪري نشستون، ڪٿي موسيقيءَ جون محفلون، ڪٿي سماع جي رقت دلين کي صاف ڪري رهي هئي. سڀ کان اهم ڳالهه اها ته نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي- فقط ٻڌڻ لاءِ نه پر سمجهڻ ۽ سکڻ لاءِ. اها ڳالهه دل کي اميد سان ڀري ٿي ته جيڪڏهن رستو درست ڏيکاريون ته نوجوان اڄ به خير ۽ حُسن ڏانهن ڇڪجڻ جي سگهه رکن ٿا.

مون هڪ سيشن ۾ جنهن ۾ افضل ساحر نين سُڪ، ڊاڪٽر امداد ۽ يوسف پنجابي شامل هئا، ماڻهو ڏاڍي دلچسپي سان ڏٺا- ڪرسين تي ويٺل، ٿنڀن سان ٽيڪ ڏيئي بيٺل- ۽ محبت ڀرين تاڙين سان هال ڀرپور پيو هو. اهو ثبوت آهي ته هتان جون دليون اڃا ڌڙڪن ٿيون. صوفين جو نور اڃا رت ۾ رچي رهيو آهي. جيتوڻيڪ ڪجهه وقت لاءِ غفلت سبب منفي سوچ نوجوان دلين ۾ جاءِ ورتي، پر اها فقط خالي جاءِ هئي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اها جاءِ ٻيهر محبت، عمل، رواداري ۽ انسان دوست صوفي پيغام سان ڀري وڃي- جيڪو هن ڏيهه جو اصل ورثو آهي.

حيدرآباد کان محمد اظهر الدين حيدرآباد تائين!

مير اعظم علي ٽالپر

برصغير ۾ اتفاق سان هڪ ئي نالي وارا ڪيترائي شهر آهن ڪي ته بلڪل ساڳين نالن سان آهن ته ڪجهه شهرن جي نالي ۾ معمولي فرق آهي. سنڌ ۾ 'ٺٽو' ته ڪوٽ آهن 'ميرپور' به ڪافي آهن ميرپور سنڌ ۾ آهي ته آزاد ڪشمير ۾ به 'ميرپور' آهي ته وري بنگلاديش ۾ ڍاڪا ويجهو به 'ميرپور' آهي اهڙي طرح سان پاڪستان ۾ حيدرآباد سنڌ آهي ته وري هندستان ۾ حيدرآباد دکن صوبي تلنگانا ۾ آهي حيدرآباد سنڌ ڪيترين ئي ڳالهين کان مشهور آهي ته وري حيدرآباد دکن به گهڻو مشهور آهي. حيدرآباد دکن رانديگرن ۽ رانديگرن لاءِ مشهور آهي هندستان جي مشهور ٽينس رانديگرياڻي ثانيه مرزا ٻه هن شهر جي آهي جنهن پاڪستاني مشهور ڪرڪيٽر شعيب ملڪ سان شادي ڪئي پر ڪجهه سال ڪانپوءِ شعيب ملڪ ۽ ثانيه مرزا جي وچ ۾ طلاق ٿي وئي حيدرآباد دکن ۾ ٻي تاليوارِي رانديگر شخصيت ڪرڪيٽر محمد اظهر الدين آهي جيڪو هندستاني ڪرڪيٽ ٽيم جو اڳوڻو ڪپتان ۽ بيٽسمين هو هي 8 فيبروري 1963ع تي حيدرآباد دکن ۾ محمد عزيز الدين يوسف سلطانه جي گهر ۾ ڄائو هو. هن جي 1987ع ۾ نورين سان شادي ٿي جنهن مان هن کي ٻه پٽ ڄاول محمد اسد الدين ۽ محمد اياز الدين ۽ محمد اظهر الدين ۽ نورين جي شادي سنڌي جوڙي موجب 'چار ڏينهن چاهه' گذري وڃڻ کانپوءِ ٽٽڻ ۾ طلاق ٿي وئي حالانڪ محمد اظهر الدين جي نورين کان ڌار ٿيڻ يا طلاق جو وڏو سبب سنڌي فلم اسٽار سنگيتا بجلاڻي هئي جو ته سنگيتا بجلاڻي غير مسلم هئي ۽ محمد اظهر الدين جي ٻهرين گهرواري بڻ پڻ جي ماءُ نورين مسلمان هئي ۽ محمد اظهر الدين سان سنگيتا بجلاڻي ٻهرين زال مسلمان ڪي (شايد) طلاق ڏيڻ جو مطالبو ڪيو هجي ۽ اُن بعد شادي ڪئي هجي محمد اظهر الدين جو ننڍو پٽ اياز الدين 2011ع ۾ موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ گذاري ويو هو جڏهن ته سندس ٻئي پٽ اسد الدين 2019ع دوران ثانيه مرزا جي ڀيڻ انعم مرزا سان شادي ڪري ڇڏي، ائين هو پاڪستاني ڪرڪيٽر شعيب ملڪ جو سنڍو (هم زلف) بڻجي ويو هو محمد اظهر الدين خوش قسمت انسان آهي جيڪو ڪرڪيٽ (راند) جي ميدان کان سياست جي ميدان ۾ آيو ۽ پوءِ سياست جي رستي تي هلندي نيٺ تلنگانا ۾ صوبائي ڪابينا ۾ شامل ٿي اقليتي وزير به مقرر ٿي ويو هن کان پهرين تلنگانا ۾ ڪو به مسلمان وزير نه هو هاڻ پوءِ به گهٽ ۾ گهٽ هڪ صوبائي مسلمان وزير سو به لڪن جو مت مقرر ٿيو آهي حالانڪ هندستان ۾ سياسي پارٽين کي فلم اسٽار، رانديگر ۽ ٻيا اهڙا نالي چڙهيا ماڻهو پلي سياستدان ته به هجن ۽ سنڌن سياست سان ڪو به واسطو نه هجي پر سياسي پارٽيون پنهنجي مفاد خاطر مجبوري کي لڪائينديون اهڙن اداڪارن ۽ رانديگرن کي وقت به وقت پاڻ سان ملائينديون رهيون آهن. اهڙن نالن جي هڪ ڊگهي لسٽ آهي جن کي لوڪ سڀا (قومي اسيمبلي) راجيه سڀا (سينيٽ) ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ جايون ڏنيون ويون ۽ اليڪشن ۾ ٽڪيٽ ڏئي بيهاريو ويو ته هنن ڪاميابي به حاصل ڪئي ته ڪي هارائي به ويا محمد اظهر الدين به انهن مان هڪ آهي هي شروع کان ئي وڏي هندستان جي جهوني پارٽي ڪانگريس سان گڏ رهيو آهي هن کي ڪانگريس پارٽي طرفان 2009ع ۾ ٽڪيٽ ڏئي مراد آباد (اتر پرديش) جي تڪ تي بيهاريو ويو ۽ اها سيٽ محمد اظهر الدين کٽي ويو هو پر ٻيو دفعو ڪانگريس هن کي راجستان ۾ هڪ ڀهرائي واري تڪ ٽونڪ سوائي ماڌوپور تي 2014ع جي چونڊن ۾ بيهاريو پر هو هارائي ويو محمد اظهر الدين ڪانگريس لاءِ هڪ سرگرم شخصيت آهي تازو هندستان ۾ صوبي بهار جي جي اليڪشن سان گڏ ڪجهه قومي ۽ صوبائي ضمني تڪن تي به چونڊون ڪرايون ويون جن ۾ تلنگانا صوبي ۾ ڪُل صوبائي سيٽون (اسيمبلي) 119 آهن جن مان حڪمران ڪانگريس پارٽي وٽ 64 ميمبر آهن ۽ اپوزيشن بي جي پي (مودي) جا صرف 8 ميمبر آهن. صوبائي ڪابينا ۾ وزير مقرر ڪرڻ جي حد 18 وزيرن جي آهي ۽ هن وقت تائين 16 وزير هئا پر محمد اظهر الدين جي اقليتي ۽ سماجي ڀلائي جو وزير ٿيڻ تي وزيرن جو تعداد 17 تائين پهچي ويو آهي هن وقت تازو تلنگانا جي جوبلي هل سيٽ تي به چونڊ ڪرائي وئي ۽ اُن تڪ ۾ هن کان اڳ محمد اظهر الدين شڪست به کائي هئي اُن ڪانسواءِ اُن وقت هو اسيمبلي ميمبر به نه هو پر ڪانگريس هن کي اُن ڪري وزير ڪيو جيئن جوبلي هل تڪ جا ووٽر مسلم ڪميونٽي جا آهن ۽ اها سيٽ آسانيءَ سان حڪمران پارٽي (ڪانگريس) کٽي وڃي سو ايندڙ ڇهن مهينن اندر محمد اظهر الدين کي ايم ايل چونڊيائيڻو پوندو هن تڪ تي هر ٽيون ووٽر مسلمان آهي ان حساب سان 30 سيڪڙو ووٽر مسلمان آهن. اُن جي باوجود 2023ع جي صوبائي چونڊن ۾ محمد اظهر الدين بي جي پي جي گوپي ناٿ هٿان شڪست کائي ويو هو جڏهن تلنگانا سرڪار ۾ محمد اظهر الدين کي وزارت جو قسم گورنر جشو ديو ورما کنايو ته مخالف ڌر وڏي واويلا ڪئي ته ضمني چونڊن کي مان ڏسي مسلم ڪميونٽي جا ووٽ وٺڻ لاءِ عين موقعي تي وزيراعلي ريونت ريڊي اها چال هلي آهي هن حلف کي جي چون ٿا 'سونارين جا سئو ڌڪ ته لوهار جو هڪ ڌڪ' جيان ڪانگريس هي محمد اظهر الدين کي اوچتو وزير بڻائي مسلمانن جا ووٽ حاصل ڪرڻ لاءِ اپوزيشن بي جي پي کي لوهارڪو ڌڪ هنيو آهي بهرحال تلنگانا يا هن تڪ تي هڪ مسلمان وزير ٿيڻ سان حال في الحال مسلم ڪميونٽي وقتي طور تي ناراضگي ختم ڪئي آهي ابتد اها ئي ڳالهه آهي ته تلنگانا جي شهرن ڪان وٺي ڀهرائي ۾ اتحاد المسلمين جي ڳالهه هلندي آهي حڪومت پلي ڪهڙي به پارٽي جي هجي پر اثر رسوخ بيرسٽر اسد الدين اويسي جو تمام گهڻو آهي سياست ۾ اگر مگر جو فارمولو هلندو آهي حالانڪ وزير ٿي وڃڻ تي گلن واري سيج تي ويهڻ بدران ڪنڊن جو تاج پائڻو پوندو آهي جو ته ماٺونٽ ايوريسٽ تي پهچڻ ڏکيو هوندو به پهچي وڃڻو آهي پر پوءِ اُن تي بيهڻ انتهائي مشڪل هوندو آهي اُن ڪري هڪ رانديگر مان سياستدان بڻجڻ تي مسلمانن جا مسئلا فتافٽ حل نه ٿيندا، هن کان اڳ هتي مسلم وزير طور محمد بشير ۽ شير الدين هئا ڪانگريس جا پرحال هيٺا ۽ سور هيٺا واري ڪار هئي بهرحال هڪ رانديگر جو راند جي ميدان مان نڪري سياست جي ميدان ۾ اچڻ ائين آهي جيئن ڪنهن ملهه جو ملاڪڙي مان نڪري سيٽ ٿي وڃڻ حالانڪ ٻنهي حلتن ۾ اصل خبر جي اصليت ملهه وارو ملاڪڙي ڄاڻيندو. سيٽ بڻجڻ جي هن کي ڪهڙي خبر بلڪل ائين ڪرڪيٽ راند واري کي ڪرڪيٽ جي ميدان جو معلوم هوندو اُن کي سياست جي چال بازين جو ڪهڙو پتو حيدرآباد دکن ۾ ورهاڱي وقت هتان سنڌ مان للتي ويل لوهاڻو خاندان به رهي ٿو جيڪو اصل ۾ محرابپور جو هو اُن خاندان جو هڪ ڊاڪٽر حيدرآباد دکن جي سرڪاري اسپتال ۾ ڊاڪٽر به آهي ۽ سندس والد بزرگ سنڌي لکي ٿو ۽ هن عبرت لاءِ به ڪجهه مضمون لکيا هئا. بهرحال پاڪستان ۽ هندستان جي ڪرڪيٽ سيريز 98-1997ع ڪيڏڻ جي سلسلي ۾ هندستاني ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳواڻي ڪندي محمد اظهر الدين حيدرآباد دکن کان حيدرآباد سنڌ جي نياز اسٽيڊيم تي پهرين ون ڊي ميچ کيڏڻ لاءِ ڇنڇر 27 سيپٽمبر جي شام پنهنجي سنڌياڻي فلم اسٽار سنگيتا بجلاڻي سان گڏ پهچي ويو ۽ هندستاني ٽيم کي حيدرآباد جي هڪ مقامي هوٽل ۾ رات لاءِ ترسايو ويو، جيئن صبح جو ٽيم فريش ٿي آرام ۽ سڪون سان راند کيڏي سگهي هندستاني ٽيم جا رانديگر مختلف ڪمرن ۾ رهيا ۽ انهن جي ته ڪا خبر نه آهي ابتد جيڪو هوٽل جو ڪمرو ڪپتان محمد اظهر الدين ۽ اُن جي گهرواري سنگيتا بجلاڻي کي رات رهڻ لاءِ ڏنو ويو هو اُن ۾ اتفاق سان يا اوچتو ڊگهي پڇ وارا ڪُتا جن کي 'سنڌي ڪُتا' چئبو آهي سي ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن آزاديءَ سان ٻوڙي رهيا هئا ۽ سنڌي گيت 'واهه ڙي ڪُتا، تنهنجو ڏاڍو تماشو' جهڙو لقاءُ ڏسي محمد اظهر الدين جي دل ۾ ڇا گذريو هوندو، اها ته خبر نه آهي پر سندس زال کان ڪوئن جو اهو تماشو برداشت نه ٿيو سو هن هوٽل جي اسٽاف کي سنڌي زبان ۾ ڪوئن جو اهو حال ڏسي واهه جون سڙيون ٻڌايون ۽ هوٽل وارا به سنگيتا بجلاڻي کان سنڌي ٻڌي حيران ٿي ويا ۽ معذرت ڪندا رهيا، حالانڪ مڇي، مڪيون، منگهڻ ڪارڙا ۽ ٻيا جيت سماج جي ثقافت آهن ڄاڻايل سيريز 98-1997ع جي پهرين ون ڊي ميچ آچر 28 سيپٽمبر تي نياز اسٽيڊيم ۾ اول هندستاني ٽيم بيٽنگ ۽ خراب راند جو مظاهرو ڪندي 50 اوورن ۾ صرف 170 رنسون ڪيون ۽ پاڪ ٽيم آرام سان بيٽنگ ڪندي اُهي رنسون ناهي پنجن وڪيٽن تان ميچ کٽي ورتي محمد اظهر الدين 1990ع ۾ ڪرشما ڇاري سري ڪانت جي جاءِ تي هندستاني ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان مقرر ٿيو هو هن 47 ٽيسٽ ميچن سان گڏ 174 ون ڊي ميچن ۾ اڳواڻي ڪئي ۽ بدقسمتي سان 2000ع ۾ ميچ فڪسنگ جو الزام هن تي لڳو ۽ اُن جي سزا طور تاحيات ڪرڪيٽ کان ٻاهر تڪري ويو، محمد اظهر الدين ڪل 99 ٽيسٽ ميچ کيڏيا ۽ 334 رانديون ۾ حصو ورتو بهرحال بطور ڪپتان ۽ هڪ رانديگر حيدرآباد دکن کان محمد اظهر الدين جو حيدرآباد سنڌ تائين اچڻ ۽ راند ۾ شڪست کائڻ ياد هوندو يا وسري ويو هوندو اُن جي ته ڪا خبر نه آهي ممڪن آهي حيدرآباد جا ڪُتا ياد هجن

عبرت پوسٽ Ibrat Post

خطن: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

نوڪرين جي 33 سال حد مقرر: وڏين ڄمارن وارا ڪيڏانهن وڃن؟

سنڌ ۾ سرڪاري نوڪرين لاءِ نوڪرين لاءِ عمر جي حد بابت پيدا ٿيندڙ ابهامي صورتحال هزارين اميدوارن لاءِ مايوسي ۽ بي اعتماديءَ جو سبب بڻي آهي. هڪ پاسي سنڌ جي وڏي وزير پاران اعلان ڪيو ويو ته 2023 ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙن لاءِ عمر جي حد 43 سال ڪئي ويندي، پر ٻي پاسي سرڪاري پورٽل تي عمر جي وڌايل حد لاڳو نه ٿيڻ هڪ اهم تضاد سامهون آڻي ٿو حڪومتي دعوائن ۽ عملي قدم ۾ ٿيل هي فرق نه صرف انتظامي ڪوتاهي ڏيکاري ٿو پر اميدوارن جي مستقبل تي به سڌو اثر وجهي ٿو. 33 سالن کان مٿي عمر رکندڙ درجنين نوجوان ۽ تجربيڪار اميدوار صرف سسٽم جي ناڪاميءَ سبب درخواستون به جمع نه ڪرائي سگهيا. ورڪس، پبلڪ هيلٿ، انرجي ۽ ٻين کاتن ۾ نوڪرين جي آخري تاريخ گذري چڪي آهي، جنهن سان ڪيترائي اهل اميدوار رعايت باوجود حق کان محروم ٿي ويا. سوال اهو آهي ته جيڪڏهن وڏي وزير جي هدايت موجود هئي ته پوءِ اها پورٽل تي لاڳو ڇو نه ٿي؟ ڇا هيءَ غفلت آهي يا دانسته نظراندازي؟ روزگار ڪنهن به نوجوان لاءِ رڳو روزي جو ذريعو نه پر وقار ۽ مستقبل جي ضمانت هوندو آهي. حڪومت جيڪڏهن هڪ ڀيرو واعدو ڪري ته اُن تي پڪو عمل لازمي آهي. جو ته حڪومتي اعلانن تي بي اعتماديءَ جو مطلب نوجوانن جي اميدن جو قتل آهي. فوري طور تي پورٽل ۾ عمر جي حد 43 سال تائين وڌائڻ ۽ تاريخ ۾ مناسب توسيع ڪرڻ بنيادي ضرورت آهي. اهڙي شفاف ۽ لاڳاپيل پاليسي سان ئي نوجوانن ۾ اعتماد بحال ٿي سگهي ٿو ۽ سنڌ جي روزگار نظام ۾ بهتري اچي سگهي ٿي.

——— صفير ابڙو، حيدرآباد

جيل سڌارا ڪير آڻيندو؟

نوشهروفيروز جيل ۾ قيدين لاءِ وڌندڙ خطري ۽ علاج جي محدود سهولتن بابت هڪ ڀيري ٻيهر ڏک ڀري صورتحال سامهون آئي آهي. هفتي اندر هڪ وڌيڪ قيدي، امير علي لاشاري مبينا طور دل جي تڪليف سبب فوت ٿي ويو جيڪو تقريباً هڪ سال ٿي چاڳندو آهي، جڏهن هڪ قيدي اسپتال جي بيڊ تي آخري ساهه کڻي ٿو؟ بدقسمتيءَ سان، اسان جي جيلن جي حالت گهڻي عرصي کان خراب آهي، پر هر موت کان پوءِ به ڪو بنيادي سڌارو نه ٿو اچي. علاج جي سهولتن جي ڪوٽ، ڊاڪٽرن جي غير موجودگي، دوا نه ملڻ ۽ بيمارن لاءِ وقت سر طبي امداد نه ملڻ موت کي ويجهو ڪري ڇڏين ٿا. قيدي پلي سزا ڀوڳين پر انهن جي زندگي، صحت ۽ انساني وقار متاثر ڪرڻ قانوني ۽ اخلاقي طور درست ناهي. حڪومت ۽ جيل کاتو فوري طور نوٽيس وٺي، جيلن ۾ ڊاڪٽرن، دوائن، ايمرجنسي سسٽم ۽ طبي عملي جي حاضريءَ کي يقيني بڻائي. هر قيديءَ جي صحت بنيادي حق آهي، جنهن کان کين محروم ڪرڻ نه رڳو ظلم پر رياستي لاپرواهي پڻ آهي. اميد آهي ته ميڊيا ۽ سنڌ سرڪار هن واقعي کي سنجيدگيءَ سان وٺندي ۽ ايندڙ وقت ۾ ڪا به ماءُ انصاف، علاج ۽ لاپرواهيءَ جي ڪوٽ سبب پنهنجي اولاد جي لاش جي منتظر نه ٻيهندي.

——— اشتياق احمد، سکر

ثقافتي ڏهاڙي کي جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ گهرجي

ڊسمبر جو پهريون هفتو شروع ٿيندي ئي سنڌ جي ڌرتي سڌائين نئين رنگن ۾ رڱجي ويندي آهي. عام طور هن مهيني جي شروعات سان ئي اجرڪ، ٽوپي، سُر راڳ، رسمن ۽ خوشيءَ جي مُسڪراهٽن ۾ سڄو ماحول مهڪي اٿندو آهي. اسڪول، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ شاگردن پاران ثقافتي ڏينهن جي تيارين جو اهڙو ميلو لڳندو آهي، جڻ سچائي ڪا وڏي عيد هجي. سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جو هي رنگ نه صرف خوشيءَ جو اظهار هوندو آهي، پر پنهنجي ماضي، تاريخ، سڃاڻپ ۽ ڳنڍجي رهڻ جي قدرن کي نئين سر ياد ڪرڻ جو پڻ ذريعو هوندو آهي. پر هن ڀيري اهو رنگ، اهو تحرڪ ۽ اها خوشبو نظر نٿي جي نظر ۾ ڊسمبر جو مهينو پاڻ ۾ ئي وجوڙي، يادگيرين ۽ احساسن سان ڀريل هوندو آهي. اهڙي حالت ۾ ثقافتي ڏينهن جهڙا پروگرام ماڻهن جي دلين ۾ نئون جوش، اميد ۽ گڏيل سڃاڻپ جو احساس ڀريندا آهن. ثقافت رڳو ٽوپي ۽ اجرڪ جو نالو ناهي؛ اها زبان، موسيقي، رقص، مهمان نوازي، محبت، سادگي ۽ هزارين سالن جي فڪر جو تسلسل آهي. جڏهن قومون پنهنجي ثقافت کي زنده رکن ٿيون ته تاريخ جو سلسلو به زنده رهندو آهي، ماڻهو به پاڻ سان ۽ پنهنجي ڌرتي سان جڙيل محسوس ڪندا آهن. اڄ جي وقت ۾ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جي ادارن، سرڪاري سطح تي، تعليمي ادارن ۾ ۽ سماجي تنظيمون گڏجي هڪ ڀيرو ٻيهر ثقافتي ڏينهن کي ان ئي شان ۽ جذبي سان ملهائڻ لاءِ اڳتي اچن، جيئن هر گهر، هر گهٽي ۽ هر شهر ٻيهر اجرڪ ۽ ٽوپيءَ جي عزت سان سرشار نظر اچي.

——— شهزادي بلوچ، حيدرآباد

سماج ۾ ڦهليل بيچينيءَ جو ڪو حل آهي؟

دنيا جدتن جا فاصلا طئي ڪري رهي آهي ۽ اسين تنزليءَ ڏانهن وڌي رهيا آهيون. انهيءَ تنزليءَ جو شڪار جو آهيون ۽ ڪهڙي سبب ڪري اسان جو قومي وقار ڏنڌلو ٿيندو پيو وڃي. انهيءَ ڳالهه تي هر ساڃاهه وند ماڻهوءَ جي دل ڪڙهي رهي آهي. ميڊيا جي عام ٿيڻ ۽ باقي ملڪن جي صورتحال ڄاڻڻ کان پوءِ نوجوان نسل ۾ محرومي وڌي رهي آهي ۽ اهي سڌريل سماجن جي حالت ڏسڻ بعد جڏهن پنهنجي ڏيهه جو جائزو وٺن ٿا ته انهن کي ارمان ۽ افسوس ٿئي ٿو ته آخر اسين اهڙي باوقار زندگيءَ کان ڇو محروم آهيون؟ سو به اُن خطي جا ماڻهو جيڪي هزارين سال قديم تهذيب جي وارثيءَ جي دعويٰ ڪن ٿا. جتي اڄ کان پنج هزار سال اڳ سڄي دنيا کي ڪپڙو اُڻڻ، فصل پوکڻ ۽ مسافتون طئي ڪرڻ جا گر

اسان کي انتهاپسندي، دهشتگردي ۽ غربت جي تعارف سان سڃاتو ٿي. ٻيو ته هينئر اسين آباديءَ جي لحاظ کان پنجين نمبر تي پهچي ويا آهيون. جيڪڏهن انهيءَ رفتار سان آبادي وڌندي رهي ته اسين جلد ئي چوٿين ۽ پوءِ ٽئين نمبر تي به پهچي وينداسين. هوڏانهن اسان وٽ وسيلا وڃن پيا سُڪڙجندا. پي آءِ اي ۽ ريلوي جو وجود علامتي بڻجي ويو آهي. اسٽيل مل ورهين کان خساري ۾ وڃي رهي آهي، جنهن کي هر دور جي حڪومت وڪرو ڪرڻ چاهي ٿي، پر مزدورن جو وڏو انگ رڪاوٽ بڻيل آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ جا ٻيٽ به ڪڏهوڪو کپايا وڃن ها، جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو احتجاج نه ڪن ها. موٽروي، هاءِ وي ۽ نه ڄاڻ ڇا ڇا اسان کي گروي رکڻو پئجي رهيو آهي. پر پوءِ به نه ته معيشت جو ڪانٽو مٿي چڙهي ٿو نه وري سماجي صورتحال ۾ بهتري اچي پئي. حالت اِها آهي جو معاشي حب سمجهيو ويندڙ ڪراچي جهڙي شهر ۾ ماڻهو پنهنجن ٻارڙن سميت خودسوزين تي مجبور آهن. سال سوا اڳ جي ڳالهه آهي ته ئي هڪ اهڙو واقعو پيش آيو هو. جنهن کي اخبارن ڪجهه هن ريت رپورٽ ڪيو هو ته ڪراچي ۾ پوريهٽ گهريلو پريشانين سبب 3 ٻارن کي باهه ڏيڻ بعد آپگهات ڪري ڇڏيو اطلاع تي پوليس پهچي جنهن زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو. سول اسپتال جي برنس وارڊ ۾ علاج دوران والد دم ڏئي ڇڏيو. پوليس موجب پوريهٽ فروٽ جو ريڙهو هلائيندو هو سندس پهرين گهرواري فوت ٿي وئي هئي. هُن ٻارن کي گهر مان گرائونڊ تي آڻي باهه ڏيڻ بعد پاڻ کي به ساڙيو. پاڙيوارن موجب پوريهٽ گهريلو پريشانين جو شڪار هو مقروض به هو هيءَ ڪو اڪيلو واقعو ناهي، اهڙا ڪيئن واقعا پيش ايندا رهن ٿا، پر انهن مان ڪي ٿورڙا ئي رپورٽ ٿين ٿا، باقي واقعن کي لڪائي جو ليڪ سمجهي دٻايو وڃي ٿو حقيقت اِها آهي ته معاشي بحرانن سبب زندگي انتهائي تنگ ٿي وئي آهي، هر پاسي بيچيني آهي. سماج جو هر ننڍو وڏو ماڻهو ڪرپشن جي وبا جي اثر ۾ ورتل نظر اچي پيو اهل ۽ لائق ماڻهو بيروزگاريءَ جي باهه ۾ پچري رهيا آهن. جڏهن ته نااهل ۽ سفارشي ماڻهن کي اهم عهدن تي مقرر ڪيو وڃي ٿو جيڪي سڄي سسٽم جي پيننگ ڪندا رهن ٿا. جيڪڏهن صورتحال ايندڙ

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب IV سول/فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1441 سال 2025

مسمات رضوانه ڌيءِ زال فرخ عباس پٽ ڏيءِ اختر احمد مغل رهندڙ هائوس نمبر 142/B فيز-II جتوئي چوڪ ويجهو روينيو پارڪ قاسم آباد حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: فرخ عباس پٽ محمد اياز پٽ ذات پٽي رهندڙ جنرل مئنيجر آف سنڌ سيڪيورٽي ڪمپني-2000 گل سينٽر جيمخانه حيدرآباد سيل نمبر: 0300-8370638....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 02-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي ڪورٽ-VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج-I ڪوٽڙي
(روبرو جناب آصف احمد)
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر 51 سال 2025

مسمات انيقه بيواهه مرحوم اشفاق احمد ابڙو رهندڙ هائوس نمبر C-4 محلا MCP واپڊا ڪالوني ضلعو ڄامشورو..ايپليڪينٽ...خلاف: (1) ارسلان احمد پٽ مرحوم اشفاق احمد ابڙو (2) شهريار احمد ابڙو پٽ مرحوم اشفاق احمد ابڙو ٻئي بالغ مسلم رهندڙ هائوس نمبر C-4 محلا MCP واپڊا ڪالوني ضلعو ڄامشورو (3) چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڄامشورو پاور ڪمپني لميٽيڊ T.P.S ڄامشورو، ڄامشورو پاور ڪمپني لميٽيڊ T.P.S ڄامشورو (4) مختيارڪار تعلقو ڪوٽڙي (5) الائيڊ بينڪ لميٽيڊ موڙهو جبل برانچ ڄامشورو (0759)...آپونينٽس

جنرل پبلڪ ڏانهن

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي مرحوم اشفاق احمد ابڙو ولد الطاف حسين پراپرٽي ۾ -/2،74،248 روپيا ABL برانچ موڙهو جبل ڄامشورو ۾ ڇڏيل . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 08-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ڪورٽ-I ڪوٽڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر 274 سال 2025

شريمتي راجي زال راجا هندو بالغ رهندڙ مساڻ روڊ پناڻ ڪالوني ٽنڊوالهيار..پلينٽف..خلاف: (1) ڊي اسسٽنٽ مئنيجر ٽنڊوالهيار (2) ڊي ڊائريڪٽر جنرل نادرا گورنمينٽ آف پاڪستان اسلام آباد (3) پبلڪ ايٽ لارج....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن اينڊ مينڊيٽري آنجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 02-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي.ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 122 سال 2025

مسمات انيتا ڌيءِ محمد ڪمال سيال رهندڙ ڳوٺ حاجي ڪيريو تعلقو سڪرنڊ ۽ ضلعو شهيد بينظير آباد...پلينٽف...خلاف: عرفان علي پٽ شوڪت علي سيال مسلم بالغ رهندڙ Three وائر اسٽاپ ڄام صاحب روڊ نوابشاهه ..ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 06-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج/ جي.ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر..... سال 2025

مسمات فردوس ڌيءِ شمس الدين ذات سومرو زال اعزاز حسين سومرو رهندڙ هائوس نمبر A-31 بلاڪ G گولڊن ٽائون هائوسنگ اسڪيم مين باءِ پاس حيدرآباد ....پلينٽف..خلاف: اعزاز حسين پٽ شوڪت حسين ذات سومرو رهندڙ هائوس نمبر D-1429 خدا داد اسٽريٽ واري ٽڙ روڊ سکر سيڪنڊ ايڊريس: حال پوسٽيڊ ايٽ ڊي.آءِ جي آفيس اسٽيٽسٽيڪل برانچ شهباز بلڊنگ حيدرآباد سيل نمبر: 0335-3862871 0312-6358222....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 11-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج هالا
ايف.سي سوٽ نمبر 29 سال 2018

(1) مسمات ضميران (2) مسمات عذرا عرف عزيز عرف عزيز خاتون (3) الهه داد (4) مسمات رضيه عرف رضيه بيگم (5) عبدالحفيظ (6) مسمات سبحاني خاتون عرف سونهن خاتون سڀ پٽ ۽ ڌيئرون غلام محمد ذات راهو رهندڙ ڳوٺ شهمير راهو تعلقو سعيد آباد پليٽ نمبر 2، 03، 04 ۽ 06 معرفت سنڌس اٽارني مسمات زليخان ڌيءِ غلام محمد ذات راهو ...پلينٽف...خلاف: (1) پراونس آف سنڌ ۽ ٻيا...ڊفينڊنٽس... (4) غلام نبي راهو پٽ الهه داد راهو فوتي معرفت سندس قانوني وارث: (اي) مسمات نور جهان بيواهه حاجي غلام نبي راهو رهندڙ ڳوٺ صابو راهو تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد (بي) عبدالجبار عرف عبدالغفار راهو

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 6th حيدرآباد
ايف.سي سوٽ نمبر 396 سال 2024

پوليس ٽرالين کي اندر نٿي ڇڏي جنهن سبب مل جو ڪم بند ٿي ويو آهي الائنس شوگر ملز جي بندش سبب آبادگارن کي لکين نه پر ڪروڙين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي، جنهن کي هٿن معاشي قتل قرار ڏنو آهي.علائقي ۾ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي رهي آهي جڏهن ته آبادگارن ۽ ٽرالي ڊرائيورن ۾ شديد غم ۽ غصي جي لهر آهي. آبادگارن جو مطالبو آهي ته الائنس شوگر ملز کي فوري طور تي کوليو وڃي ته

درخواستگذار راحب ملاڻي علي حسن مستوئي، وڪيل سرفراز آخوند، آر ٽي سي سکر فياض منگي ، ڊي آر ٽي خيرپور رياض سولنگي ۽ واسطيدار پيش ٿيا.عدالت سيڪريٽري ٽرانسپورٽ جي غير موجودگي بابت پڇائو ڪيو.عدالت ۾ سيڪريٽري بدران ايڊيشنل سيڪريٽري پيش ٿي سيڪريٽري جي ڪابينا اجلاس ۾ هئڻ بابت عدالت کي آگاهي ڏني.جسٽس ذوالفقار علي سانگي ريمارڪس ڏنا ته اسان

موري پوليس پوسٽ پرسان پنهنجو پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرايو ، جنهن تي اسان کي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سان ڳالهيون ڪرڻ جو چئي احتجاج ختم ڪرايو ويو پر ان جي بعد بااثر جوابدار جي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ بجاءِ وري اسان جي برادري جي 40 کان 50 ماڻهن تي دهشتگردي ايڪٽ جي تحت بلاڄي شاهه ڪريم پوليس ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي آهي جنهن ۾اسان جي پرامن احتجاج کي دهشتگردي

پريشر رکيو پيو وڃي ان معاملي کي لڪائڻ لاءِ اسان وٽ ٽي او جي لکت پڻ پيش ٿي آهي جڏهن هن اسڪول جي وزٽ ڪئي هئي ته اسڪول جي ڪلاسن ۾ بصر ۽ ٻيو سامان پيل هيو ٻي طرف الزام هيٺ ايندڙ شخص نظير احمد پتو چيو ته مون مٿان لڳايل الزام ڪوڙا آهن مان ڪنهن ڳالهه ۾ به ملوث ناهيان باقي گيٽ ٻي طرف لڳائڻ جو مونکي ٽي او سويڊيرو چيو آهي باقي منهنجي مٿان فرنيچر چوري وارو الزام ٻي

محرابپور لڳ شادي جي ڄڃ دوران سوزڪي جو ٽڪر سبب نينگر فوت، خوشيون غم ۾ تبديل

ڳوٺ ڳاهي راهو ۾ پيش آيل واقعي ۾ 6 ورهين جو اذان علي پٽ آفاق علي شيخ فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي سوزڪي کي تحويل ۾ وٺي نينگر جو لاش اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

فوتي نينگر جو مڙهه ڳوٺ گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ خوشيون غم ۾ تبديل ٿي ويون

محرابپور (ت-ر) محرابپور پرسان ڳوٺ ڳاهي راهو ۾ شادي جي ڄڃ دوران سوزڪي جو ٽڪر لڳڻ سبب 6 ورهين جو نينگر اذان بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

محرابپور: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل نينگر جو لاش

پنوعاقل لڳ جتوئي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا زخمي

چونگهيا بس اسٽينڊ تي سواري کڻڻ واري معاملي تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

پنوعاقل(ن ع)پنهنجي عاقل لڳ چونگهيا بس اسٽينڊ تي جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ويگن اسٽاپن تي سواري کڻڻ واري معاملي تان سخت جهيڙو ٿي پيو. ٻنهي ڌرين وچ ۾ ٺلهي ڪلاسي ڏهاڙي رنگ اختيار ڪيو ۽ لٺين جو آزادانه استعمال ٿيو جنهن سبب چڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي. بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز: ٽيسٽ پاس ڪنڊ اميدوار احتجاج ڪري رهيا آهن

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف ڇهين ڏينهن به هڙتال جاري

ننگرپارڪر (ن ع) ڪارونجهر سجاڳ فورم اڳواڻ الهرکيو کوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين ڪارونجهر جبل جي ڪٽائي ۽ سنڌ حڪومت طرفان آئيني بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي هيٺيان اچي نينگري چيپاڄجي فوت، گهر ۾ ڪهرام متل

ڳوٺ دوست علي ڏڙي ۾ 8 ورهين جي نينگري امبرين ڌيءُ غلام محمد ڳنڍاڻي چيپاڄجي فوت ٿي وئي

فوتي نينگري جو مڙهه گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ دوست علي ڏڙي ۾ ٽريڪٽرٽرالي هيٺان اچي 8 ورهين جي نينگري امبرين ڌيءُ غلام محمد ڳنڍاڻي چيپاڄجي فوت ٿي وئي. ٻڌايو پيو وڃي ته ڳوٺ ٻاهران نينگري اچانڪ ٽريڪٽرٽرالي هيٺان اچي وئي جيڪا موقعي تي فوت ٿي وئي. فوتي نينگري امبرين جو مڙهه گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

مدرسا نه فقط ديني تعليم جا مرڪز آهن پر تربيت جي درسگاهه آهن: مولانا حافظ محمد عمر

اڄ جو مسلمان دنيا جي چمڪ دمڪ ۾ڦاسي گم ٿي دين کان پري ٿيندو پيو وڃي

دين اسلام اسان کي بنا قيمت جي مليو پر ان جي پٺيان بيشمار قربانيون آهن

نوري آباد (ن ع)نوري آباد ۾جماعت اسلامي يونٽ نوري آباد جي اهتمام هيٺ مدرسي سيدنا بلاولﷺقرآن پاڪ جي حفظ مڪمل ڪندڙ طلبا جي اعزاز ۾دستاربندي پروگرام جواهتمام ڪيو ويو جنهن ۾عالم دين حافظ اسدالله پنهور محمد حسن محنتي مولانا صالح محمد پٺاڻ حافظ عالمن دين اسلام جي اهميت، قرآن پاڪ جي تلاوت ۽حفظ جي فضيلت تي روشني وڌي جماعت جي معزز ماڻهن، استادن ۽والدين وڏي انگ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ انتهاپسندي جي روڪٿام لاءِ صحافين ۽ عملدارن سان ڊي سي جو اجلاس

اسان جي لاءِ سڀ کان پهرين پنهنجو وطن پاڪستان عزيز آهي: ذروون پاواڻي

ملڪ جي حفاظت لاءِ قربانيون ڏيندڙ جوانن جي قربانين کي ضايع ٿيڻ نه ڏنو ويندو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ڊسٽرڪٽ ڪمپليڪس ۾ انتهاپسندي جي روڪٿام لاءِ صحافين ۽ عملدارن سان ڊپٽي ڪمشنر جو گڏيل اجلاس، محمد خان جي ڊپٽي ڪمشنر ذروون پاواڻي چيو آهي ته پوري ملڪ ۾ انتها پسندي جي روڪٿام توڙي پرنٽ ۽اليڪٽرانڪ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: انتهاپسندي خلاف صحافين ۽ عملدارن سان ڊپٽي ڪمشنر گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ننگرپارڪر، ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف ڇهين ڏينهن به هڙتال جاري

سيٺارجا جي اڳوڻي چيئرمين حاجي سبحان علي ڪبر ذاتي خرچ تي سماج مائيڪر پل ٺهرائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو

ٺري ميرواهه (ن ع) سيٺارجا جي اڳوڻي چيئرمين حاجي سبحان علي ڪبر پاران ذاتي خرچ تي سماج مائيڪر پل ٺهرائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو پاران ڪم جي آڇ ڪئي تفصيل موجب ٽائون ڪاميٽي سيٺارجا جي اڳوڻي چيئرمين ۽ دڪاندار ايسوسيئيشن جي صدر حاجي سبحان علي ڪبر ۽ وڪيس بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر جي مختلف سماجي تنظيمن پاران ايڊز جي عالمي ڏينهن حوالي سان آگاهي ريلي ڪڍي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) ايڊز جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان سکر جي مختلف سماجي تنظيمن طرفان ريلي ڪڍي وئي ۽ سکر پريس ڪلب سامهون آگاهي ڏني وئي، ريلي جي شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا جن تي ايڊز کان بچاءُ بابت نعرا لکيل هئا. موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو ته گڏيل بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو ۾ الائنس شوگر ملز جي اوچتي بندش خلاف آبادگارن جو احتجاجي ڌرڻو

آبادگارن عبدالمجيد سميجو، عاشق حسين ڌهر، عبدالحڪيم سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مل آڏو احتجاج ڪيو

ملز جي بندش سبب آبادگارن کي لکين نه پر ڪروڙين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

جيستائين مل جلد نه ڪولي وئي ته ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس آڏو وڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻندا

اوٻاوڙو (رپورٽ غلام قمبر بوهڙ) اوٻاوڙو الائنس شوگر ملز جي بندش سبب علائقي جا آبادگار مل جا ملازم شديد پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جڏهن ته پوليس جي وڏي تعداد مل جي ٻاهران مقرر ڪندي سان بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ب پ پ بدين جو اڳوڻو ضلعي جو صدر حاجي رمضان چانڊيو لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز سندس ابائي ڳوٺ بخشڻ چانڊيو ۾ادا ڪئي وئي

آخري رسمن ۾ مير غلام علي ٽالپر، مير الله بخش ٽالپر سميت سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

بدين (ڊ ر) ٽنڊو ڊسٽرڪٽ ب پ جو جهونو اڳواڻ ايم آر ڊي جو اسير ۽ پ پ ضلع بدين جو اڳوڻو صدر حاجي محمد رمضان چانڊيو ڪجهه وقت بيمار رهڻ بعد نجي اسپتال ۾ 85 سال جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي جنهن جو جنازو نماز سندس ابائي ڳوٺ بخشڻ چانڊيو ۾ ادا ڪئي وئي سندس جنازي ۾ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو سميت سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم ب پ پ جو بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ب پ جي جدوجهد پاڪستان ۾ جمهوريت کي مضبوط ڪيو: ارسلان اسلام

امريت خلاف مزاحمت ۽ عوامي حقن جي بحالي پارٽي جي تاريخي ڪاميابي آهي

عورتن ۽ اقليتن کي بااختيار بڻائڻ پاڪستان جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سکر ميونسپلٽي جي ميئر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي پارٽي جي باني اڳواڻن کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته پيپلز پارٽي جي جدوجهد پاڪستان ۾ جمهوريت کي مضبوط ڪيو آمريت خلاف مزاحمت ۽ عوامي حقن جي بحالي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر سيڪريٽري ٽرانسپورٽ جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

روهڙي بس ٽرمينل فنڪشنل ۽ ٻيرلو وٽ بڪنگ آفيسون بند ڪرائڻ لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي

ٻڌڻي دوران درخواستگذار راحب ملاڻو علي حسن مستوئي، وڪيل سرفراز آخوند، آر ٽي سي سکر ٻيا پيش ٿيا

عدالت سيڪريٽري ٽرانسپورٽ جا ضمانت جوڳا گرفتاري وارنٽ جو حڪم ڏيندي 15 ڊسمبر تي ٻڌڻي ملتوي

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ روهڙي بس ٽرمينل فنڪشنل ڪرڻ ۽ ٻيرلو باءِ پاس وٽ بڪنگ آفيسون بند ڪرائڻ لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي، عدالت سيڪريٽري ٽرانسپورٽ جا گرفتاري وارنٽ بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

واقعي جي ذميوار جماعت اسلامي کي چوندس ته ماڻهو ناراض ٿي ويندا: ميئر ڪراچي

نيپا چورنگي ويجهو مين هول ۾ جيڪو ٻار ڪريو، اهو سيوريج نه پر برساتي نالو هو: مرتضيٰ وهاب

ڏک جي گهڙي ۾ نينگر جي وارثن سان گڏ آهيان، معاملي کي سياسي بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ حاصل ڪريون پيا، ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن کي جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪالهه رات نيپا چورنگي ويجهو مين هول ۾ جيڪو ٻار ڪريو اهو سيوريج نه پر برساتي نالو هو ڏک جي گهڙي ۾ نينگر جي وارثن سان گڏ آهيان پر معاملي کي سياسي بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ڪراچي ۾ ميڊيا سان بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان حڪومت سان ڳالهين لاءِ پنهنجا شرط پيش ڪري ڇڏيا

سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي ۽ 1973ع وارو آئين پنهنجي اصل صورت ۾ بحال ڪيو وڃي

سياستدانن جي مڪمل بالادستي يقيني بڻائي وڃي، اندروني ۽ ٻاهرين پاليسين پارليامينٽ جوڙيندي

ميڊيا جي آزادي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ پيڪا جهڙن قانونن کي لازمي طور ختم ڪيو وڃي: مطالبا

اسلام آباد (م ر) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان حڪومت سان ڳالهين لاءِ شرط پيش ڪري ڇڏيا ۽ مطالبو ڪيو آهي ته سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي ۽ ڏنو وڃي تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان پنهنجي مطالبن ۾ چيو آهي ته چوري ٿيل چونڊن کي ترت ڪالعدم قرار بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ٿرڪول متاثرن ڳوٺاڻن جو احتجاج، مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد جو اعلان

ترقي جي نالي تي ڪمپنين کي زمين، ماحول، پاڻي ۽ ماڻهن جي زندگيءَ جي ڀيلاڙ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو آهي: اڳواڻ

چونڊيل نمائندا توڙي سڄاڻ حلقن جي خاموشي سبب مزدورن کي روز نيڪالي ڏني پئي وڃي

متاثر دربدر آهن، ڪيترن ئي ڳوٺن جو مستقبل خطري هيٺ آهي، احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي: چتاءُ

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر علي بجير) ٿرڪول متاثرن اڳواڻ ڀيم راج ميگهواڙ بي آءِ ايف سنڌ سرڪري صدر ديدار سينڌل ڀيل سڀحان لنجو اٽر چند ڀيل عبدالعزيز قادري، آڪاش هميراڻي ۽ مشتاق جنجهي اسلام ڪوٽ پريس ڪلب پهچي ٿرڪول متاثرن ڳوٺن جي مسئلن جي حل لاءِ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٻارڙا اسڪول ۾ سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

اسلامڪوٽ: جانورن کي بيمارين کان بچاءُ لاءِ لڳايل ڪيمپ جو ڏيک

ميرپورماٿيلو ۾ ڳوٺي چاڪر واسين جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج

مظاهرين اسلم، رياض، منير خشڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٻااثرن زمين مقاطي تي وٺي قبضو ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺي چاڪر جي رهواسي خشڪ برادري سان تعلق رکندڙڳوٺاڻن ميرپورماٿيلو پهچي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب آڏو زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن اسلم خشڪ رياض منير خشڪ ۽ ٻين الزام هڻندي چيو آهي ته اسان جي 6 جريب زرعي زمين آهي جيڪا اسان ڪجلو شاه کي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو مان چوري ٿيل سامان رڪور نه ٿيڻ خلاف شهرين جو ٿاڻي آڏو ڌرڻو

مظاهرين حميد لغاري راحم دل شيخ رشيد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

چوري ٿيل موٽر سائيڪلون ۽ ڪار واپس نه ملڻ ته ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هڻنداسين: مظاهرين

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو مان چوري ٿي ويل موٽر سائيڪلون ۽ ڪار رڪور نه ٿيڻ خلاف شهرين جو ميرپور ماٿيلو ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو، ميرپور ماٿيلو ٿاڻي جي حد مان ڦر ٿيل شيخ رشيد جي موٽر سائيڪل ۽ راحم دل جي چوري ٿي ويل موٽر سائيڪل ۽ حميد لغاري جي ڏهه سال اڳ چوري ٿيڻ بعد مالڪن پاران گاڏي رڪور ڪري قانوني بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد جو رهواسي فوجي جوان وانا ۾ دهشتگردن هٿان شهيد ٿي ويو

ڳوٺ فضل سومرو جو واسي اهلڪار عرفان علي پٽ سونو خان جو مڙهه آندو ويو

شهيد جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مڙهه فوجي اعزاز سان ابائي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي ڳوٺ فضل علي سومرو جو رهواسي پاڪ آرمي جو جوان عرفان علي پٽ سونو خان سومرو وانا ۾ دهشتگردن هٿان شهيد ٿي ويو جنهن جو مڙهه فوجي پروٽوڪول ۾ ڪي پي ڪي کان جيڪب آباد سنڌس ڳوٺ پهچايو ويو جتي شهيد جوان جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنهن ۾ شهيد جوان جي وارثن سميت پاڪ فوج جا اعليٰ عملدار وڏي تعداد ۾ شريڪ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه پوليس پاران ٻن جوابدارن کي چوري جي سامان سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گجهڙي اطلاع تي قاضي احمد جي هوٽل مان حبيب الرحمان ۽ شفيق کي گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدار جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ سون چانڊي ۽ چوري ۾ استعمال ٿيندڙ اوزار هٿ آيا آهن

نوابشاهه (س ر) ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد شبير احمد سيٺار پنهنجي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ذريعي قاضي احمد شهر جي هڪ هوٽل مان ميٽنا بن جوابدارن رهاڻي لاهور جو رهواسي شفيق عرف موٽو ولد محمد رفيق ۽ ڪراچي جي رهواسي حبيب الرحمان کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان وڏي مقدار ۾ سون چانڊي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: ايس ايس پي ڌرهارين کان هٿ آيل گاڏين جو معائنو ڪري رهي آهي

خيرپور ۾ ڪوڏيجي واسين جو ٻااثرن پاران زمين تي قبضي خلاف احتجاج

ڳوٺ وانڊ لعل خان واسي مردن، عورتن ۽ ٻارڙن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ٻااثرن گهرن تي حملو ڪري ٻن عورتن کي زخمي ڪيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ڪوڏيجي تعلقي جي ڳوٺ وانڊ لعل خان جي رهواسي مردن، عورتن ۽ ٻارڙن ٻااثرن پاران زرعي زمين تي قبضي ۽ گهرن تي حملو ڪري عورتن کي زخمي ڪرڻ واري واقعي خلاف پريس ڪلب خيرپور پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي ضمير ڪانڌڙو ڪامران بخت، هدايت، عمران ڪانڌڙو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا آڏو بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ دڪانن مان چوري ڪندي 5 عورتون پڪڙجي پيون، پوليس حوالي

ٺيڙهي واسي دڪاندار شاهد سومرو ۽ عبدالمجيد دڪان مان چوري ڪندڙ عورتن کي سوگهو ڪيو

عورتون پنج ڀيهاني چوري ڪري رهيون هيون ته پڪڙي پوليس حوالي ڪيو آهي: متاثر

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ٺيڙهي سان بن ڪرياڻ جي دڪانن تان چوري پنج عورتون پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيون تفصيل موجب خيرپور پرسان ٺيڙهي ۾ شاهد سومرو ۽ عبدالمجيد شيخ جي ڪرياڻي جي دڪان تي پنج عورتون پنج جي ڀيهاني 30/30 ليٽر جو ڪانڊ وارو تيل ۽ 100 وولٽيج وارين بيٽرين چوري ڪري رهيون هيون ته ڪين دڪاندارن ڏسي پڪڙي ورتو ۽ ٺيڙهي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو: الائنس شوگر ملز جي بندش خلاف آبادگارن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام ڪوٽ تعلقي ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي پاران چوپائي ۾ بيمارين کان بچاءُ لاءِ ويڪسين ڪيمپ لڳائي وئي

اسلام ڪوٽ (ن ع) چوپائي مال جي پالنا واري کاتي سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر حزب الله پنهور اسلام ڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ پابوهر ۾ لائيو اسٽاڪ اسپرووڪسمنٽ پروگرام تحت ڪنگهر ڪلڪي ۽ ٽڦڙيءَ جي بيمارين لاءِ ڦاٿر ڪيل ويڪسين ڪيمپ جو افتتاح ڪيو دوري دوران ڊي جي لائيو اسٽاڪ ڪيمپ جي انتظامن جو جائزو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ کلين جهڙو معصوم ٻارڙو کليل گٽر ۾ ڪري فوت، لاش هٿ، مجبرل ماڻهن جو ٽائر ساڙي ڌرڻو

نيپا چورنگي وٽ شاپنگ لاءِ ڪٽنب سان گڏ آيل 3 ورهين جو ابراهيم ولد نبيل کليل گٽر ۾ ڪري پيو

نينگر جو لاش واقعي واري هنڌ کان لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪلوميٽر پري نالي مان 14 ڪلاڪ بعد هٿ آيو

واقعي بعد مجبرل ماڻهن احتجاج ڪندي روڊن تي ٽائر ساڙي ٽريفڪ معطل ڪري ڇڏي، گاڏين تي پٿراءُ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ نيپا چورنگي وٽ کليل گٽر ۾ مين هول ڪري نبيل معصوم نينگر جو 14 ڪلاڪن کانپوءِ لاش هٿ آيو آهي ريسڪيو اختيارين موجب، نينگر جو لاش واقعي واري هنڌ کان بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ رينجرز جي مقرري هڪ سال لاءِ وڌائڻ جي منظوري

وڏي وزير جي صدارت هيٺ ڪابينا اجلاس ۾ آهري منظوري ڏني وئي

رينجرز دهشتگردي ٽوڙ ايڪٽ تحت اختيارن سان گڏ پوليس جي مدد جاري رکندي: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ رينجرز جي مقرري هڪ سال لاءِ وڌائڻ جي منظوري ڏني وئي شاهه جي صدارت هيٺ ڪابينا اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪراچي ۾ رينجرز جي مقرري جي مدو وڌيڪ هڪ سال لاءِ وڌايو ويو آهي وڏي وزير سيد مراد علي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڪوڏيجي واسين جو ٻااثرن پاران زمين تي قبضي خلاف احتجاج

ڳوٺ وانڊ لعل خان واسي مردن، عورتن ۽ ٻارڙن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ٻااثرن گهرن تي حملو ڪري ٻن عورتن کي زخمي ڪيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ڪوڏيجي تعلقي جي ڳوٺ وانڊ لعل خان جي رهواسي مردن عورتن ۽ ٻارڙن ٻااثرن پاران زرعي زمين تي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

اسٽيبلشمينٽ ملڪ کي ڏٺيڙ تحت هلائڻ واري پاليسي تي گامزن آهي: ڪاشف سعيد

ٻن ميڊيا مالڪن کي صوبا ورهائڻ لاءِ ڏگ سڏ ڪرڻ جو تيڪو ڏيڻ ملڪي وحدت تي وار آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي چونڊن ۾ شڪست کان پوءِ حڪمران عوام جو موڊ ڏسي وٺن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته اسٽيبلشمينٽ ملڪ کي متحد رکڻ بدران ڏڦيڙ ۽ اپي شاهي واري پاليسي تي گامزن آهي بن ميڊيا مالڪن کي صوبا ورهائڻ لاءِ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان ٽرين جو ٽڪر لڳڻ سبب پيءُ ۽ معصوم پٽ ٿڏي تي فوت ۽ هڪ ڄڻو زخمي

فيض آباد ڪالوني ريلوي ٽريڪ تي حادثي ۾ خان محمد چنو ۽ سندس 4 ورهين جو پٽ محمد عمر فوت ٿي ويا

حادثي ۾ زخمي صديق ۽ لاشن کي سول اسپتال مان آڻي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان فيض آباد ڪالوني وٽ ريلوي ٽريڪ تي ٽرين جو ٽڪر لڳڻ سبب پيءُ ۽ معصوم پٽ ٿڏي تي فوت ۽ هڪ زخمي، لاش اسپتال منتقل تفصيل موجب ريلوي ٽريڪ تي بيهل پيءُ ۽ پٽ ڪي ڪراچي کان روهڙي ويندڙ ايڪسپريس ٽرين جو ٽڪر لڳڻ جنهن جي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: سماجي اڳواڻ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

سجاول لڳ جوابدارن جي ٽاڻي تي چڙهائي، مال خاني مان هٿيار کڻي فرار ۾ گرفتار

بدو ٽالپر ٿاڻي مان جت برادري جي ڪجهه ماڻهن مال خاني جو تالو ٽوڙي سرڪاري هٿيار کڻي فرار ٿي ويا

اطلاع ملڻ شرط پوليس جي وڏي نفري پهچي سمري علائقي کي ڪٽرو ڇاڙهي سيل ڪري ڇڏيو

ٻن جوابدارن اميد علي ۽ ڀهنل جت کي گرفتار ڪري ٻه سرڪاري رائفلون هٿ ڪيون آهن: ايس ايس پي

سجاول(رپورٽ (هدايت ڪٽي) بدو ٽالپر ٿاڻي ۾ جت برادري جي نامعلوم ماڻهن سرڪاري مال خاني مان هٿيار کڻي فرار ٿيو، بدو ٽالپر ٿاڻي جي صورتحال تڏهن سنگين ٿي وئي جڏهن جت برادري جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان لڳ قتل ٿي ويل حسين ملاح جي وارثن جو پوليس جي زيادتي خلاف ڌرڻو

مظاهرين امير ملاح ، انور ، برادي ملاح ، عبدالسميع انصاري ، منصور ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس پنهنجي مرضي موجب ايف آءِ آر ۾ مک جوابدار بااثر جي بجاءِ ٻين ٽن جوابدارن جو نالو شامل ڪيو آهي

اسان جي پرامن ڪيل احتجاج تي پوليس 40 کان 50 ڄڻن تي دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ: ذوالفقار چانڊيو) ٽنڊو محمد خان پرٻلوٽي شاهه ڪريم جي ويجهو پڪين جي شڪار تان قتل ٿي ويل بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: پکين جي شڪار تان قتل ٿيل حسين ملاح جا وارث احتجاج ڪندي

ٽنون ڪوٽ لڳ ايريگيشن جي داروغي تي پاڻي چورن جي فائرنگ، معجزاتي طور بچي ويو

ٽنون ڪوٽ (ن ع) ايريگيشن سب ڊويزن ٽنون ڪوٽ جي سڄي سوري وٽ پاڻي چور آبادگار ڊائريڪٽ مين واهه مان پائيپ لڳائي پاڻي چوري ڪري رهيا هئا ته سب ڊويزن جو دارغو حسن علي شاهه واقعي واري هنڌ پهچي ويو پاڻي چورن دارغو حسن علي شاهه کي ڏسي هوائي فائرنگ ڪري ڏني جنهن تي داروغي پڄي جان بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: قرجي ويل واپاري تفصيل ٻڌائي رهيو آهي

ميهڙ لڳ هٿياربند واپاري کي ڪنڪوڏي لڪين رپيا ڦري ويا

لاڙڪاڻي روڊ تي هٿياربند حسين قمبراڻي کي يرغمال بڻايو ته هن مزاحمت ڪئي

جوابدار مارڪيٽ ڪرڻ بعد بينڪ مان ڪيرايل 10 لک رپيا ڦري ويا آهن: متاثر

ميهڙ(ن ع) نجي بئنڪ مان پيسا ڪيرائي واپس اينڊ واپاري کان 10 لک رپيا ڦر، مزاحمت تي هٿياربندن جي واپاري کي مارڪيٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ميهڙ لاڙڪاڻو روڊ تي نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن الرحمان رائيس مل جي مالڪ واپاري اڳواڻ عبدالحفيظ قمبراڻي جي ملازم حسين قمبراڻي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪانس بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز جي هندو برادري پاران ڀارتي وزير راج ناٿ جي بيان خلاف ريلي

مظاهرين مکي رام داس، ڊاڪٽر هريش ڪمار گرمک داس ۽ ٻين احتجاج ڪيو

راج ناٿ جي ملڪ دشمن بيان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا: مظاهرين

نوشهروفيروز(ڊ ر)نوشهرو فيروز جي هندو برادري پاران ڀارتي وزير راج ناٿ جي بيان کي رد ڪري ڇڏيو شاهي بازار کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي پوري ضلعي جي هندو برادري بيٽرز هٿن ۾ کڻي شهر ۾ ريلي ڪڍي ريلي ۾ شريڪ هندو برادري پاڪ فوج زنده آباد، پاڪستان زنده آباد، مودي سرڪار مرده آباد، راج ناٿ مرده آباد جا نعرا هنيا ان موقعي تي هندو پنچائت بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز ۾ آءِ بي اي پاس اميدوارن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

اميدوارن عتيق الرحمان، عاشق حسين، عادم علي ٻکهيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جلد آفر آرڊر جاري ڪري روزگار جا در کوليا وڃن نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

نوشهرو فيروز(ڊ ر) آءِ بي اي سکر پاران سنڌ جي پاس ڪانسٽيبل اميدوارن کي آفر آرڊر جاري نه ڪرڻ خلاف اميدوارن پريس ڪلب نوشهروفيروز اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي عتيق الرحمان وسطڙو عاشق حسين ڪوراڻي عادم علي ٻکهيو ڪوثر علي ڪوراڻي گوهر علي ڪيريو خالد حسين منيجو مشتاق علي سولنگي ۽ ٻين ڪيو ان موقعي تي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ، پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور(ڊ ر)شاهه حسين ٿاڻي جي حد ڳوٺ ملو سري ۾ اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ ڳوٺاڻن لاش کي ڏسي پوليس کي اطلاع بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر مان نوجوان ٽن ڪان پراسرار طور گم، ماءُ ۽ ڀيڻ پاران گولا ۾ مدد جي اپيل

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي بکر چوڪ علائقي جي رهواسي هڪ بزرگ عورت خورشيد بيگم پنهنجي ڌيءُ رشنا سان گڏ پريس ڪلب سکر اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي عتيق بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

واهي پانڌي ۾ هٿياربندن جي گهر تي چڙهائي، عورتن ۽ ٻارن تي تشدد بعد لکين رپين جي ڦرلٽ

لغاري پاڙي ۾ 5 هٿياربندن زميندار ادريس ۽ خميسو لغاري جي گهر ۾ گهڙي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي تشدد ڪيو

هٿياربند 2 لک رپيا روڪ، سونا زيور ۽ قيمتي سامان ڦري فرار، پوليس ٻيرا ڪٽي هڪ ڄڻو گرفتار ڪيو

واقعي خلاف لغاري برادري جي سميت شهرين گورڪ چونڪ وٽ احتجاجي ڌرڻو هڻي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

واهي پانڌي (ن ع) اڪيرڊل رات ديرسان واهي پانڌي شهر جي لغاري پاڙي ۾ 5 نامعلوم هٿياربندن زميندار ادريس لغاري ۽ خميسو لغاري جي گهر ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

واهي پانڌي: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سيٺارجا ۾ استادن ۽ شاگردن جو ٻااثر پاران حراسان ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو انصاف جو مطالبو

سيٺارجا (ن ع) ڳوٺ الله ڏنو جوڻيجو ۾ استادن ۽ شاگردن پاران ٻااثر ڳوٺائي نظير احمد پنهور خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري الزام هنيو ته نظير احمد مختلف طريقن سان اسان کي حراسان ڪري رهيو آهي تاڻو بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سماجي برائين کي ظاهر ۽ ختم ڪرڻ ۾ ميڊيا جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي: نعيم بدر

سکر (بيورو رپورٽ) آل سکر سمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز جي صدر نعيم بدر وارين قريشي چيو آهي ته صحافي سماجي برائين کي ختم ڪرڻ ۽ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ بنا ڪنهن خوف خطري جي ذميواريون ادا ڪري رهيا آهن ته پنهنجون ذميواريون ادا ڪري رهيا آهن ته بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب عورت فوت، هڪ ڄڻو زخمي

قومي شاهراهه تي پيش آيل حادثي ۾ جيڪب آباد واسي شاهده ڏٺي تي دم ڏنو

موجود ماڻهن زخمي دولت علي ۽ لاش کي ڪٺائي سول اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور(ڊ ر) قومي شاهراهه تي تيز رفتار موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب هڪ عورت فوت ٿي وئي ۽ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو تفصيل موجب جيڪب آباد جا رهواسي آهن جيڪي جيڪب آباد کان گمبٽ وڃي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو، لاش ۽ زخمي نوجوان کي سول اسپتال پهچايو بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان ٽرين جو ٽڪر لڳڻ سبب پيءُ ۽ معصوم پٽ ٿڏي تي فوت ۽ هڪ ڄڻو زخمي

فيض آباد ڪالوني ريلوي ٽريڪ تي حادثي ۾ خان محمد چنو ۽ سندس 4 ورهين جو پٽ محمد عمر فوت ٿي ويا

حادثي ۾ زخمي صديق ۽ لاشن کي سول اسپتال مان آڻي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان فيض آباد ڪالوني وٽ ريلوي ٽريڪ تي ٽرين جو ٽڪر لڳڻ سبب پيءُ ۽ معصوم پٽ ٿڏي تي فوت ۽ هڪ زخمي، لاش اسپتال منتقل تفصيل موجب ريلوي ٽريڪ تي بيهل پيءُ ۽ پٽ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ گهروڙيو ٻاڪرخانيون وڪري لاءِ کڻي بيٺل آهي

نوابشاهه جو پهريون فيبر اولڊ يونيورسٽي ڪالوني زيرو لوڊشيڊنگ قرار

اسان جو خواب آهي ته پاڪستان جا سڀ وڏا شهر لوڊشيڊنگ کان پاڪ ٿين: فيض الله ڏاهري

اسان جو ٽارگيٽ آهي ته هر سال ڪي هر ڊويزن مان چار فيڊرن کي لوڊشيڊنگ فري ڪيو وڃي

نوابشاهه (س ر) حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري جو اهر قدر نوابشاهه جو پهريون فيڊر اولڊ يونيورسٽي ڪالوني زيرو لوڊ شيڊنگ قرار حيسڪو جي روشنين جي سفر جي 19هين ڪڙي نوابشاهه جي يونيورسٽي ڪالوني جي گرائونڊ ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي فيض الله ڏاهري چيو ته نوابشاهه جو بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: حيسڪو چيف ڪلي ڪچهري کي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور جو ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو بدلي، الطاف احمد چاچڙ مقرر

خيرپور(ڊ ر)ڊپٽي ڪمشنر خيرپور فياض حسين راهوجو کي بدلي ڪري الطاف احمد چاچڙ کي خيرپور جو نئون ڊپٽي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو آهي تفصيل موجب ڊپٽي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر سيڪريٽري ٽرانسپورٽ جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

روهڙي بس ٽرمينل فنڪشنل ۽ ٻيرلو وٽ بڪنگ آفيسون بند ڪرائڻ لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي

ٻڌڻي دوران درخواستگذار راحب ملاڻو علي حسن مستوئي، وڪيل سرفراز آخوند، آر ٽي سي سکر ٻيا پيش ٿيا

عدالت سيڪريٽري ٽرانسپورٽ جا ضمانت جوڳا گرفتاري وارنٽ جو حڪم ڏيندي 15 ڊسمبر تي ٻڌڻي ملتوي

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ روهڙي بس ٽرمينل فنڪشنل ڪرڻ ۽ ٻيرلو باءِ پاس وٽ بڪنگ آفيسون بند ڪرائڻ لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي، عدالت سيڪريٽري ٽرانسپورٽ جا گرفتاري وارنٽ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ايم پي اي شير محمد مغيري پاران لڳايل اکين جي علاج جي مفت ڪيمپ جو ڏيک

فيلڊ مارشل عاصم منير سان مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر احمد محمد عبدالعاطي جي ملاقات

پاڪستان ۽ مصر وچ ۾ دفاع ۽ سيڪيورٽي سهڪار، عسڪري رابطن ۽ تربيتي سهڪار تي اتفاق

دفاع ۽ وسيع تر اسٽريٽجڪ شعبن ۾ هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو: فيلڊ مارشل ۽ مصري وزير ۾ اتفاق

تبديل ٿيندڙ علائقائي صورتحال کي نظر ۾ رکندي ابڀرندڙ چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ اعليٰ سطحي رابطن جو سلسلو ضروري آهي

راولپنڊي (آءِ پي آر) چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان عرب جمهوريه مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر احمد محمد عبدالعاطي گڏيل ڏينهن هتي ملاقات ڪئي پاڪ فوج جي سنڌ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: هندو پنچائت پاران ڀارتي دفاع واري وزير خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي شاگردن پاران منشيات کان پاڪ سنڌ جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي شاگردن پاران منشيات کان پاڪ سنڌ جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي شاگرد اڳواڻ مهيس اسدالله چاچڙ ارسلان راجا بليدي ڪئي ريلي ۾ شاگردن سنڌي راڳ تي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.